


# دل جي وال تان

شاعري

جي ايم لاڙڪ

ريڪائون پبليڪيشن ڪراچي
2021

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت ڪتاب گھر پاران خوبصورت شاعر ۽ تخليقڪار **جي ايم لاڙڪ** جي نثري نظمن جو مجموعو ”**دل جي وال تان**“ اوهان اڳيان حاضر آهي.

جي ايم لاڙڪ بنيادي طور هڪ رومانوي شاعر آهي. سندس شاعريءَ جي موضوعن ۾ هلندڙ دور جا پڙڪندڙ موضوع، استعارا، تشبيهون ۽ مثال موجود آهن.. جي ايم لاڙڪ زندگيءَ ۾ مشڪلن کي منهن ڏيندي جيئندو رهيو آهي، اها غربت، ڏُک ۽ اڄ جي سنڌ جا درد، نظمن جو روپ وٺي سندس شاعريءَ جا موضوع بڻيا آهن. سندس بنھ مختصر ترين نظم بہ انيڪ اڇوتن خيالن سان ڀريل آهن.

هي ڪتاب 2021ع ۾ ريکائون پبليڪيشن، ڪراچيءَ پاران ڇاپيو ويو آهي، جنهن جي پي ڊي ايف ڪاپي جي ايم لاڙڪ جي ٿورن سان پيش ڪجي ٿي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب: دل جي وال تان
ليکڪ: جي ايم لاڙڪ
موضوع: شاعري
ڇاپو پهريون: آڪٽوبر 2021
ڇپيندڙ: ريکائون پبليڪيشن ڪراچي
قيمت: 100 روپيہ

*All rights reserved*

Book : Dil Jay Wall Taan
Author : GM Larik
Content : Poetry
First Edition : December 2021
Publisher : Rekhaoon Publication Karachi
Price : 100 Rs

ماهوار سنڌي ريکائون
A-10 الشمس ڪمپليڪس
جوهر موڙ ڪراچي
03337551931
rehmatpirzado@yahoo.com

## ارپنا

هي ڪتاب
پنهنجي بابا سائين
**استاد غلام قادر لاڙڪ**
۽ **امان سائڻ** کي ارپيان ٿو
جن جي دعائن جي ڪري
منهنجي هر مشڪل آسان ٿي ويندي آهي
۽ پنهنجي گهرواري **ثمينہ علي**،
**پٽ عادل ۽ ڌي ماهہ نور** کي ارپيان ٿو
جن جي مرڪڻ سان
منهنجا ڏک سکن ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا.

**جي ايم لاڙڪ**





## فهرست


- اداري پاران / 07
- مهاڳ / محمد دين راڄڙي / 08
- جي ايم لاڙڪ جا بي ساختہ نثري نظم / بختاور ڄام / 15
- منافق سماج جي پاڪُر ۾ / غوث پيرزادو / 16
- همت ۽ حوصلي جو ڪردارُ / ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري / 20
- لفظ لُڙڪن جا سفيرَ / صفر ڪلهوڙو / 24
- جي ايم لاڙڪ منهنجو دوست / پريم پتافي / 26
- عمر ڪان وڏيڪ تڪليفون / روشن شيخ / 28
- جي ايم لاڙڪ کي بس محبتون ڪپن / جميل سومرو / 29
- اميچيوئر ميچيوئر شخصيت / حق نواز چانديو / 30
- جي ايم لاڙڪ جو سڄايو مواد / منل جسڪاڻي / 32
- پنهنجي پاران / جي ايم لاڙڪ / 34
- دل جي وال تان / شاعري / 41

## اداري پاران

اڄ جيڪو ڪتاب ريڪائون پبليڪيشن پاران اوهان جي هٿن تائين پهچائي رهيا آهيون، تنهن جو عنوان آهي ”دل جي وال تان“، هي سهٽي شاعر جي اير لاڙڪ جي نثري نظمن جو ڪتاب آهي. سندس شاعريءَ بابت اها وضاحت ته دعويٰ سان ڪندس ته پاڻ بنيادي طور رومانوي شاعر آهي. هُو پنهنجي دور سان گڏ هلندڙ شاعر آهي ۽ سندس شاعراڻن موضوعن ۾ هلندڙ دور جا پڙڪندڙ موضوع، استعارا، تشبيهون ۽ مثال موجود آهن. روز پيٽل، سُپر مُون، ڪاڪٽيل، رانگ نمبر، اٽينڊنٽ وغيرا جهڙا عنوان هُو نفاست سان عشقيه داستانن سان ڳنڍي وڃي ٿو، ناهي وني ٿو ۽ احساسن جي لڙهيءَ ۾ پوئڻ جو هنر ڄاڻي ٿو.

نثري نظر جتي سولي شاعراڻي صنف ليکيو وڃي ٿو، اُتي مشڪل پڻ آهي. نثري نظم جي ڊوڙ ۾ ڪامياب شاعر اُهو آهي، جنهن کي ياد رکيو وڃي، جيڪو ”ڪوٽ ايبل“ شاعر هجي. لفظ هر وقت راضي به ناهن ٿيندا، شاعر لفظن جي تپسيا ڪندا آهن. تراش ڪندا آهن، سٽ کي لسائيندا آهن، پلي اها سٽ نثري نظم جي چو نه هجي! ان ۾ اُها شعريت پيدا ڪندا آهن، جيڪا ڪنهن سٽ کي عروج بخشي سگهي.

جي اير لاڙڪ وٽ بين ثانوي موضوعن ۾ به خاص جذبو آهي، غربت، ڏک ۽ ڏک جو ٻيو ناڻءُ اڄ جي سنڌ آهي. ڦُريل، لُٽيل، بي واهه، بي وس سنڌ، نظمن ۾ اوسارڻ جهڙي سنڌ ۽ خود جي اير جي بيماري ۽ هر وقت موت جي پاڇي ۾ جيئڻ جي احساسَ ڪيس وڏو حوصلو ڏنو آهي. ڏک ۾ وڏي طاقت آهي، وڏي برداشت آهي، وڏو حوصلو آهي.

جي اير لاڙڪ ڪيترين ئي شيون، ڪيترائي اڻ ڪهيا احساس دل ۾ دفن ڪري چُڪو هوندو، تڏهن ته هُن ۾ ايڏي خودداري آهي. آئون بس ڪيس هن ڪتاب جي تحفي ڏيڻ وقت لفظ خاموش ڇڏي ٿو ڏيان.

**رحمت پيرزادو**





## مهاڳ

رات جي هن ٽڏڙي مهل ؛ رات ڪافي گذري چڪي آهي جي اير لاڙڪ جي نثري نظمن جو مسودو جيئن پڙهي پورو ڪيو اٿم ته من جي عجيب ڪيفت آهي. ۽ واٽي موڙ آهي، هڪ جي اير لاڙڪ جي ڏاري رت تي جيون سان جنگ ؛ ٻيو ان جي شاعري ، سگمنڊ فرائڊ چيو آهي ته Anatomy is destiny پر جي اير لاڙڪ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته: Destiny is a challenge هي زندهه دل ماڻهو آهي ۽ مشڪل ۾ مرڪڻ هن جو اهڙو گڻ آهي جو هي زخمي وجود ۽ هيٺن پرن هجڻ باوجود ، پنهنجي حوصلي ۽ همت سان هر مصيبت سان منهن ڏيئي ڪنهن ڏگهي ساهي رکندڙ پرند جيان وسعتن تائين اڏار ڪندو رهي ٿو.

شايد هو Pain-resistant ٿي ويو آهي مشکلیں پڑیں مجھ پہ اتنی کہ آسان ہوگئیں۔

جي اير جهڙا ماڻهو جيئڻ جو هنر سکي ويندا آهن

هن جي رڳن کي ايترو ٽوپيو ويو آهي جو پروڻ مثل ٻڃي چڪيون آهن ۽ هن جا سمورا سور، هن جو رومانس ٻڃي هن جي ”دل وال تان“ ائين بي ساخته اظهاربا . لکيا، تخليق ٿيندا رهن ٿا.

جيستائين جي اير لاڙڪ جي نثري نظمن جي انفراديت جي ڳالهه آهي ته هن نثري نظم جي شاعراڻي وادي ۾ پنهنجو پيرچارو ناهيو آهي. هن وٽ هر واقعي، وارتا، منظر، ڪيفيت ۽ محسوسات لاءِ قدر ۽ قيمت آهي. جي اير جيون جي هر ننڍي وڏي تجربي ۽ مشاهدي کي قيمتي سمجهي ان کي صبح جو، منجهند جو، شام جو ۽ رات جي خيال ۾ تخليق ڪندورهي ٿو.

هن جا بنهه مختصر ترين نظم به انيڪ اڇوتن خيالن سان پريل آهن. اهو جي اير لاڙڪ جو شاعري سان عشق آهي جو هو مسلسل مشق سبب نثري نظم جي مزاج ۽ گهرج کي سمجهي لکڻ جي جنون ۾ ورتل رهي ٿو. جيئن هيٺين نظم ۾ هن ڪيڏو نه اپيلنگ خيال آڇيو آهي.

سنڌوءَ جي ڪپ تان
مٺڪو پريندي
مُشڪڻ مُهاڻي جو پير ڇا ترڪيو
ڄڻ سنڌوءَ ۾ ساهه اچي ويو.!
ان نظم جي پڄاڻي ؛
سنڌوءَ جي سنيار ملاحن تي فرض آهي
سنڌوءَ انهن جو ابا امان آهي

نثري نظم جا اهم عنصر thought آهي نثري نظم جا اهم عنصر thought , نظم جي ڪٽٽ، جُڙت ، ٻولي ۽ اسٽرائڪنگ پڄاڻي آهن. هن جا ڪجهه نظم توڻي جو پڄاڻي کان ڦهريئن وکري وڃن ٿا پر اڪثر نظم پنهنجي موضوع ۾ نوان ۽ حساسيت سان ڀرپور آهن. نثري نظم نفيس آرٽ آهي نثري نظم جي ابتدا کان انتها تائين مٿي تي ڳلن جي ڀري ڪٽي دريا ٽپڻ مثل آهي ۽ ٿهيم ۽ خاص طور اڇوتو ٿهيم ان کي جلا بخشي ٿو. جي ايم جي هن ٻي نظم ۾ ڊڪشن ۽ خيال جي ايتري خوبصورتي آهي جو پڙهندڙ نظم مڪمل ڪري مسڪرائيندو ضرور.

ماڻهن جي واتان ٻڌان پيو
ته تون بدلجي وئي آهين
پر سڀ ڪوڙ هوندو
ڇو ته
تون منهنجي تصوير
قران شريف
۾ لڪائي رکي آهي
چوري ٿيڻ جي ڀوءَ کان.......!!

جي ايم شعور سنڀاليندي صحت جي نعمت ۽ انيڪ معاشري جي بحرانن کي شڪست ڏيندي . هن جي حساس طبيعت آڏواجتماعي بک ۽ بدحالي هن نظماڻي گهاڙيٽي ۾ فريم ٿي آهي.

اڄ آئون بازار مان
ڪجهه شاپنگ ڪندي





انڊيون اکيون خريد ڪيون
ان لاءِ ته
جيئن
عيد جي ڏينهن تي
غربت ڏسي نه سگهان......

جي ايم پيٽا وارا نظم Different ڪري تخليق ڪندو آهي .
ڪوڙهه جي مشهورڊاڪٽر رٿ فائو لاءِ جي ايم جو هي نظم منهنجو به Favourite رهيو آهي

زخمن مان
ٻوءِ
جڏهن ايندي
تڏهن تهنجي
خوشبو اردگرد هوندي.

يا جي ايم جو هي مختصر ترين نظم پنهنجي ٽريٽمنٽ ۾ ۽ خيال ۾ منفرد آهي:

خوبصورت عورت ڏسندي ئي
ڏاڏي حوا جو حسن
ڏسڻ تي دل چاهي ٿي..

جي ايم وٽ ماڻهن ، سماج ۽ ماڻهن جي معيار جي پرک آهي. هو هر مهيني رٿ جي ٻن ٿيلهين جي طلب ڪندي انساني سچائي ، دوستي جي ليول ۽ ماڻهن ۽ ماڻهن جي مشترڪ تعاون ۽ ٻي ڏياني يا همدردي ، ڀلائي ۽ تعاون جو ايترو ته تجزيو ڪري چڪو آهي جو هن جي ماڻهن جي معيار جي تورماپ جو پنهنجو پئرا ميٽرا آهي ۽ دل جي سچائي هن بحراني زماني ۾ هن وٽ “ويليو” آهي .

ميسج ڪيو اٿس
ته
توکانسواءِ نه ٿي رهي سگهان
پڇيومانس ته
مون ۾ اهڙو ڇا آهي؟

روئي ڇيائين
سچي دل.....
واقعي هن واپاري ، مارڪيٽي مقابلي واري دور ۾ جڏهن اسان جا انساني قدر، ثقافتون، سماجي قدر، رشتن جا احساس به ڪارپوريٽ ڪلچر جو بليڪ هول تيزي سان ڳڙڪائي رهيو هجي جڏهن انساني قدر مفاد ۾ مٽجي رهيا هجن ۽ هن Post Covid-19 صورتحال دوران اسان فقط حيرت ۽ بي وسي منجهان هڪ مڪمل تبديل ٿيل انساني بحراني صورتحال جو جائزو وٺون ته واقعي ماڻهوءَ جي ماڻهوءَ سان سچائي "ويليو" آهي.
جيئن مٿي مون اڇوتن خيالن جي ڳالهه ڪئي ته ڪيئن جي ايم هن نظم ۾ الٽراسائونڊ جي مروج معني کان اڳتي وڌي ڏنو آهي:

نظم اڌ سير کان پڙهون ٿا.

ڊاڪٽر الٽراسائونڊ ڪيو
۽ مون ڏانهن ڏسندي چيائين
ابوهه!
اوهانجي اندر ۾ گهٽو گند پرجي چڪو آهي
مون چيو
ڇا جو ڊاڪٽر صاحب؟
چيائين
نفرت، گلا ۽ انائن جو...
يا جي ايم وٽ ڪريڪٽر ڪنٽراڊڪشن هيئن نظماٽي انداز ۾ اظهارجي ٿو.
نينگرين جي سينن تي
شفا جا هٿ گهمائيندڙ
پنهنجي نينگري کي
پردي ۾ ڊاڪٽر ڏي موڪليندو آهي.
جي ايم جتي خيال ۾ منفرد آهي ايئن ئي هن جو ڊڪشن به پنهجو آهي. جي ايم سنڌي نثري نظم کي پنهنجي انفرادي تخليقي





سگهه مطابق نئون روپ ڏنو آهي.

فون ڪيومانس
ڪال رسيوڪندي .
پڇائين ڪير!؟
چيومانس
نه ٿي سڃاڻين يا سڃاڻڻ نه ٿي چاهين
چيائين: آواز کي ڇا ٿيو اٿئي؟
چيومانس درد دل تائين هيو
زبان تائين ايندي ايندي
ڪجهه ٿڪجي پيو آهي
پر آئون ته توکي
تنهنجي ساهن جي سُرن سان
سڃاڻي وٺندو آهيان
پوءِ اها سزا
مون لاءِ ڇو.....
جي ايم وٽ دوستي نڀائڻ جوبه آرٽ آهي. هو هڪئي وقت مختلف مڪتبه فڪر جي ماڻهن سان هڪجهڙو جڙيل ، هڪ جهڙو مان ڏيندڙ ۽ دوستن جي خوشين ۽ غمين ۾ ڪراچي کان گجرانواله تائين سفر ڪندي به نه ٿڪندو آهي.
هو دوستي ۾ نڀاءُ جو Symbol آهي . هن جي شاعري جتي رومانس، محبت ، سڪ ۽ اڪير جي علامت آهي اتي جي ايم بيمار وجود هوندي به صحتمند روح پرور انسان آهي. مان ڏٺو آهي ته سالگره کان وينڊي شادي جي تاريخ کي ورجائيندي هر خوشي ملهائي خوشين جا اهتمام ڪندو رهندو آهي جي ايم جو هڪ رومانٽڪ نظم آهي:
تنهنجي حُسن جون
جاگرافيائي سرحدون
ايڏيون ته وسيع آهن
جو آئون صرف تنهجي ڇپن جي

سرحدي حدن تائين
پهچڻ ۾
عمر ڳاري ڇڏي آهي.
ڪڏهن ڪڏهن جي ايم جي رومانٽڪ شاعري انجي سموري شاعري جو مرڪز لڳندي آهي . جي ايم جي شاعري جو نفسياتي جائزو وٺجي ته محبت جو متلاشي يوگي لڳندوآهي. شايد ان جو اهو به سبب آهي ته هو پنهنجي حياتي ۾ پيار جي کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجي نظمن ۾ پناهه وٺندو آهي

اڙي او چنڊ
تون ته سالن جي انتظار پڇاڙان
سُپر مون جي صورت ۾ وٺندو آهين
توڪان ته
منهنجو محبوب پلو آهي
جنهن جي هڪڙي ئي مرڪ
هن جي چهري کي
سُپر مون ڪري ڇڏيندي آهي.

جي ايم جو اوڏڪي مٺيءَ واري نظم کي بهترين ترڪيب وارو نظم چئجي ته واڌاءُ نه ٿيندو جي ايم جا ڪيترائي نظم رومانٽڪ شرارت وارا آهن جيئن

آءُ هرويرو ئي
پنهنجي قميص جا بٽڻ
چوري چوري
ٽوڙي ڇڏيندو آهيان
ان ڪري جو
بٽڻ ٽاڪيندي
پنهنجي هٿن سان
منهنجي سيني کي به
سبي ويندي آهين.

ايئن سندس نظم هُو يادون ، موتيو پاٽي، چُمي، رانگ نمبر، پنهنجي سٺاءُ، ساخت ۽ ڊڪشن ۾ بهترين نظم آهن ۽ ايئن ”قاتل گنجي“





وارو نظم ڪهاڻي نما آهي جي ايم جي ڪيترائي وٽندڙ نظم پڙهندڙن لاءِ ڇڏي ان جي ڪجهه نظمن جا پس منظر...

تون جڏهن به
وار ڪوليندي آهين
تڏهن ڏکڻ جي هوا گهلندي آهي

منهجي پر ۾
ڪيئي حسينائون بيٺيون آهن
پر دل
ڏهرڪي لاء پريشان آهي.

هن نظم ذريعي جي ايم پنهنجي محبوب شهر ڏهرڪي کي نظاماڻو خراج پيش ڪيو آهي.

جي ايم اسان سموري سنگت جو محبوب دوست ۽ رات واري چوڪڙي جو مرڪز آهي. هن جي ننيڙي دل ۾ محبتن جا چشما وهن ٿا ۽ هو اسان جو اهڙو دوست آهي جنهن کي اسان کلندي ، مرڪندي، روئندي، رسندي ، پرچندي، سرمستي ۽ اداسي ۾ ڀرپور جيئندي ڏٺو آهي هن پنهنجا سمورا غم ۽ خوشيون اداسيون ۽ نراسايون ، محبتون، ۽ سرمستون (دل جي وال تان) لکي ڇڏيون آهن. دل جي وال جون ڪيئي صورتون آهن پنهنجي هڪ معني ۾ اهو جي ايم جي دل جو وال آهي ٻي معني ۾ شوشل ميڊيا جي جديد ٽول فيس بڪ وارو وال ۽ سنڌ جي سمورن شهرن جي ڀت (وال) به آهي جنهن تي تاريڪ راتين ۾ اسان پنهنجو قومي درد لکي ايندا آهيون. ۽ جي ايم اها سموري پيڙا پنهنجي دل جي وال تي لکي اوهان جي محبت ڀري نگاهه ۽ موٽ جو منتظر آهي.

**محمد دين راڄڙي**
اياز آڏاڻو
شاهه لطيف ڪالوني
ڏهرڪي
25.07.2021

## جي ايم لاڙڪ جا بي ساخته نثري نظم

### بختاور جام..

ادا جي ايم لاڙڪ جي شاعري خاص ڪري نثري نظم،بي ساخته آهن،سندس نظمن ۾ هڪدم ،دل ۾ اُ تلي ايندڙ ،اڌمن جو اظهار آهي،مون وٽ سندس شاعري کي پسند ڪرڻ جا ٻه ٽي سبب آهن،هڪ ته هو،هو گهڻي ڀاڱي نثري نظمن جو شاعر آهي،جيڪا منهنجي به پسنديده صنف آهي،ٻيو ته هو به مون وانگي گهڻي ڀاڱي مختصر نثري نظم لکي ٿو،۽ مختصر نثري نظم ۾ سادي ٻولي ۾ پر بهترين ڳالهه ڪري ٿو وڃي،جيئن هو هڪ نثري نظم ۾ لکي ٿو ته مان ڪهڙي مسجد ۾ نماز پڙهان؟ جيڪا محفوظ هجي،جتي فرقيواريت نه هجي،يا هو هڪ نظم ۾ اڄ جي سياسي ڪارڪنن جي ساک تي قلم کڻي ٿو ته هاڻ آهي ،اهو انقلاب نه ٿا آڻي سگهن جو ته انهن ۾ اها سچائي نه رهي آهي،جيتوڻيڪ سندس شاعري جو وڏو حصو محبوب جي حسن،ان جي تعريف ۽ تڙپ تي مشتمل آهي پر وري به هن زندگي جي ڪوڙ ٻين موضوعن کي به ڇهيو آهي،

هن ٿيليسميا جهڙي موذي بيماري سان وڙهندي ڄڻ ته هن عمر ۾ الائي ڪيترا امتحان پاس ڪيا آهن،هو هڪ بهترين شاعر هئڻ سان گڏ هڪ بهترين انسان به آهي،رشتا،دوستيون ،رک رکاءُ سندس شخصيت جا اهم پهلو آهن،مونکي وڏي ڀيڻ چوندو آهي ۽ اها ئي عزت ۽ مان ڏيندو آهي پر ڪڏهن ڪڏهن آئت ڏيڻ لڳندو آهي ته لڳندو آهي ته وڏو ڀاءُ آهي،سدائين زندگي جي امتحانن ۾ هوندو آهي،پر گهٽ ئي ڪڏهن مايوس ٿيندو آهي. شاعري ڪرڻ جي سندس رفتار ،اڪثر ڏينهن ۾ ٽي ٽي چار چار نثري نظم پيو لکندو رهيو آهي،۽ سوشل ميڊيا تي هر هڪ نظم جي هيٺان وقت لکيل هوندو آهي،مان سندس تي ڪلندي آهيان ته ادا مجتبيٰ توهان تي ڀلا شاعري برسات وانگي وسندي آهي ڇا؟

پوءِ هو سندس ٺهڪ هوندا آهن،چوندو آ ادي مڙئي لکي دل جو بار هلڪو ڪرڻو آهي، منهنجي دعا آهي ته ادا مجتبي ائين لکندو ۽ کلندو رهي،۽ اسان سندس خوبصورت شاعري مان محصوص ٿيندا رهون!





## شاعر جي ايم لاڙڪ

## منافق سماج جي پاڪرن ۾ رهندڙ معصوم شخص

### غوث پيرزادو

غلام مجتبيٰ لاڙڪ هڪ شاعر آهي، جنهن کي محبتن منجهان جي ايم لاڙڪ به سڏيو ويندو آهي. الائي ڇو مونکي شروع کان وٺي غلام مصطفيٰ نالي کان وڌيڪ غلام مجتبيٰ نانءُ موهيندو رهيو آهي. توڙي جو مجتبيٰ جو جيم روان ناهي پر پوءِ به اچاريندي هڪ سرور محسوس ٿيندو آهي. جهڙي ريت هن جي شاعري غمگين، اداس، اڪيلي، درد جهڙي آهي پر سندس پرسوز لهجو روح کي گرمائي ڇڏيندو آهي. هي شاعريءَ ۾ رک رکاءَ جو قائل نه ٿو ڏسجي تنهن ڪري ئي ته هن اندر مان ڦٽي نڪتل هر اڌمي کي تخليق ۾ ضم ڪري ڇڏيو آهي. انڪري هن شاعر جا لکين نه ته هزارين چاهيندڙ ضرور هوندا جيڪي سندس نثري نظمن جو انتظار ڪندا هوندا.

جي ايم لاڙڪ جي شاعريءَ جو محرڪ عشق آهي ۽ لاحاصل محبتن جو درد سندس رومانوي شاعريءَ جو زيور آهي. سندس شاعريءَ سان ملڻ کان پهرين درد سان ملاقات ڪرڻي پوندي آهي. لطيف به ته ائين ڪيو هو نه؟ ٻه ته پنهنجي شاعري ۾ سسئي جي درد جو عاشق بڻجي ويو هو ۽ يڪا پنج سر لکي ڇڏيا هئائين.

هي شاعر هڪ ڇوڪريءَ سان شديد محبت ڪندو آهي جيڪا ڪيس هٿ ۾ گل ڏئي ڪانئس اکيون ڦيري وئي آهي. هاڻي هي شاعر پاڻي کان ٻاهر مڇيءَ جيان ڦٿڪي رهيو آهي. هو پنهنجي درد جو قصو ٻڌائيندي ٻڌائيندي سڏڪي پيو آهي الائي نه پر سندس نظم ”ڪاوڙجندي“ پڙهي مان سچ به روئي پيو هوس. جڏهن هو چوي ٿو ته

هوءَ ڪڏهن نازڪ احساسن سان ته ڪڏهن جون جي گرمي جي تپش وانگر مونسان محبت ڪندي هئي. دراصل ڳالهه اها آهي ته زندگي ۾ هر ماڻهو محبتون ڪندو آهي ۽ فريب به کائيندو آهي پر شاعر جو ڪمال ته ڏسو جو بنا لفظي ٺاهه ٺوهه جي هو پنهنجي اندر جي اور ڪري ويهي رهي ٿو.

جي ايم مونکي نثري نظم جي شاعرن ۾ انڪري سڀ کان وڌيڪ موهيندو آهي جو هو ننڍڙن نظمن ۾ اسان جي اندر جي سموري ڪائنات ڏيکارڻ ۾ ڪامياب ويندو آهي. هو شاعراڻي مصنوعيت کان ڪوهين ڏور من جي جهوپي ۾ رهي ٿو ۽ ڌڙڪندڙ دل سان جيون جي سمورن منظرن کي چٽڻ ۾ ڪاميا ب وڃي ٿو.

”سپر مون“ نظم ۾ جيڪا بي ساختگي آهي سا سچ ۾ مئل روح کي زندهه ڪريو ڇڏيو، جيئن ڪنهن ڊگهي مسافت بعد ڪو مسافر رستي ۾ بيهوش ٿي وڃي ۽ پاڻي جا ڇنڊا ڪيس هوش ۾ آڻي ڇڏين اهڙي طرح هن جو نظم سپر مون آهي جنهن ۾ هو چنڊ سان مخاطب ٿيندي ڪيس چوي ٿو ته تون ته سالن پڄاڻان سپرمون جي صورت وٺندو آهين پر توکان ته منهنجو محبوب ڀلو آهي جنهن جي هڪڙي ئي مرڪ ڪيس سپرمون ڪري ڇڏيندي آهي.

جي ايم لاڙڪ نئين ٻولي ۽ نئين لهجي جو شاعر آهي. هن جي ٻولي، اسلوب يا اظهار جي انداز تي ڪنهن جي ڇاپ نه آهي. هن جي شاعري جو پنهنجو رنگ ۽ هن جي لهجي جي هڪ الڳ خوشبو آهي.

هوءَ مون سان ملڻ لاءِ
ڪڪرن جي
سيني تي
سوار ٿي چڪي آهي ( ج ل)

يا وري چوي ٿو
اڄ به هوءَ دري تي آئي هوندي
اتاولي اتاولي
هوا جي تيز جهوٽي تي
چرڪي هوندي. (ج ل)





جي ايم صفا مست ڇريو ماڻهو آهي. هن جي محبوبائن کي هن سان بي رخي ڪٿي مهانگي نه پئجي وڃي، هن جي معصوميت ۽ اٿاهه عشق جي ڪوملتا کي ڏسندي خدا سندس محبوبائن تي ڪٿي ڏمر ٿي ڪڙڪي نه پوي:

اوڏڪي مٽي جهڙا آهيون
اسين يار

واقعي به اوڏڪي مٽي محبت جي علامت طور جي ايم ئي استعمال ڪئي آهي. اوڏڪي مٽي جي مهڪ ۾ مسحور جي ايم درد جي اهڙي ڪنڊڙي آهي جيڪا ڀرئي جهنگل اڪيلي اڪيلي ۽ الڳ ٿلڳ بيٺي هوندي آهي. ڇا ايڏا درد ڪلهن تي کڻي ماڻهو جي سگهندو؟ جيڏا درد جي ايم پنهنجي ساهه ۾ سانڍي رکيا آهن.

هي جي شاعر اهڙو بحر آهي جيڪو ماڻهو پنهنجي آغوش ۾ جڪڙي ٿو ڇڏي. هن وٽ جيڪڏهن خوشيون به اڇن ٿيو ته اهي درد جو ڪارو ويس اوڍي اچن ٿيون. هن جا نظم ماڻهو جي اندر کي اجرو ڪري ٿا ڇڏين. هن جا نظم پڙهندي ماڻهو اندر جي اونهائين ۾ لهي ٿو وڃي. انڪري ئي مان هن کي نثري نظم جو منفرد شاعر چوان ٿو ڇو ته هن جو لفظ لفظ هڪ سرور ڏيندڙ هجي ٿو، هن جي شاعري پڙهندي ماڻهو ٿڪاوٽ محسوس ڪندي وري ان کي سمجهڻ لاءِ ڊڪشنري جو استعمال نه ٿو ڪري انڪري ئي هو سمورن شاعرن کان مختلف آهي. اها هن شاعرجي ڪاميابي آهي جو جيڪو ڪجهه به چوڻ چاهي ٿو پنهنجي معصوم انداز سان چوڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿو:

مان تنهنجو پاڇو آهيان
۽ توسان گڏ رهندس.

هي ٿلها ڪي لفظ نه آهن، هنن ٻن سٽن ۾ هڪ ناول جيڏو مواد آهي، هي نظم اسان کي هڪ منزل تي رسائي ڇڏيو ٿو. تنهنجا پاڪر نظم پڙهندي ماڻهو تي سحر طاري ٿيو وڃي. نظم ناسٽيلجيا جي هڪ دنيا آباد ڪري ٿو ڇڏي، ناسٽيلجيا جي ڪيفيت آدم جي وجود ۾ نه هجي ها ته هوند گهڻجي مري وڃي ها، جي ايم چوي ٿو:

او چري
مونکي تنهنجا
پاکر ياد پيا اچن
جڏهن بہ موسم مٽجڻ لڳندي هئي
تہ تنهنجا پاکر
مونکي
پيار جي
پناهہ ۾ وٺندا هيا. ( ج ل)

يا وري چوي ٿو:
مونکي اڪيلو نہ دفنايو
مونسان گڏ
منهنجي محبوبا جون
چوڙيون بہ
دفنائجو
جيئن آسانيءَ سان
فرشتن کي جواب
ڏئي سگهان (ج ل)

هو جڏهن بہ ملندو آهي تہ هن جي محبت اسان جهڙن ماڻهن کي زير ڪري ڇڏيندي آهي. هن جي شخصيت جي نماڻائي مٿس ٻلهار وڃڻ تي مجبور ڪندي آهي. منافق سماج جي پاکرن ۾ رهندي بہ هو ڪٽي منافقت جو شڪار نہ ٿيو ٿئي. هن جلادن جي ڏيهہ ۾ رهندي بہ پنهنجي معصوميت کي بچائي رکيو آهي.

انڪري ئي، سندس شاعري لازوال شاعري آهي. سندس شاعري عالمي معيار جي شاعر آهي. جيڪڏهن سندس هي مختصر نظم انگريزي يا دنيا جي ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيا تہ لکين دلين کي ڌڙڪڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندا. شال هن کي منافق سماج جو پاسو نہ لڳي ۽ هو پنهنجي اوريجنلٽي سان شاعري جي دنيا کي سيراب ڪندو رهي.





# همت ۽ حوصلن جو نشانبر حقيقي ڪردار

## ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري

هيمنگوي جي ناول اولڊ مئن ۽ سي جو نالو پڙهي اهو احساس ٿئي ٿو تہ پوڙهو وڏي همت وارو آهي ڇوتہ هو هيڏي وشال سمنڊ ۾ وڃي هڪ وڏي مڇي ڦاسائي ان جو ڪنڊو بہ ڪٽي اچي ٿو ۽ خالي هٿين نٿو اچي. جيتوڻيڪ ڪيترين ئي وهيل ۽ ڊولفن ان شڪار جي پنيان اچي کسڻ يا وڃائڻ جي ڪوشش ۾ هونديون آهن ۽ جيڪو شڪار سندن چار ۾ آهي اهو بہ وڏو طاقتور هوندو آهي، پر، سنتياگو پنهنجي همت نٿو هاري ۽ جدوجهد کي اهم سمجهي ٿو. جتان ڪان پوءِ اهو مشهور جملو نمودار ٿي مشهور ٿئي ٿو تہ But man is not made for defeat. A man can be destroyed but not defeated. ماڻهو تباهہ تہ ٿي سگهي ٿو پر هارائي نٿو سگهي. ايئن ڪيترن ئي ٻاهرين ادب جي ڪهاڻين يا ناولن جي ڪردارن جي بهادري، همت ۽ حوصلي جا مثال ملن ٿا. اهي ڪردار ان ڪري بہ اهم ۽ دل لڀائيندڙ لڳندا آهن ڇوتہ انهن ڪردارن کي اهي ليکڪ تمام وڏي فنڪارانہ ۽ آرٽسٽڪ انداز ۾ پيش ڪن ٿا جنهن ۾ اسٽوري ٽيلنگ ۽ ڪيريڪٽر ڊيولپنگ آرٽ جو وڏو هٿ هوندو آهي. ان ڪري اهي ڪردار امر ٿي ويندا آهن. لطيف سائين جا ڪردار بہ ايئن امر ٿي ويا آهن جو ان پنيان شاهہ لطيف جي آرٽسٽڪ اپروچ سمايل آهي. جنهن ڪردارن کي جيئرا جاڳندڙ ديو مالائي لاڏلا بڻائي ڇڏيا آهن جو ماڻهو موهت ٿيو پون. اسان جي سنڌ ڌرتي بہ هڪ امر ڪردار آهي،

جنهن افسانوي امر ڪردارن جيان تمام وڏي جدوجهد پڇاڙي اسان جي رڳن ۾ رت جيان ڊوڙي رهي آهي. ايئن هڪڙا ڪردار سياسي افسانوي آهن تہ ڪي جنگجو ۽ ڪي وري سماجي طرح سان، پر زندگي کي جيئڻ جي جنگ جا ڪي امر ڪردار بہ آهن جن زندگي گذاري ناهي پر زندگي سان جنگ ڪئي آهي. انهن ۾ اسان جي شهر ميرپور ماٿيلو ۽ ڏهرڪي جي جهولي ۾ جهوليندڙ ڳوٺ نئون ڪوٽ جو جي ايم لاڙڪ آهي جنهن جو پورو نالو غلام مجتبيٰ لاڙڪ آهي پر هو جي ايم لاڙڪ نالي سان ادبي طرح مشهور آهي. هن جي ادبي مشهوري تہ هڪ بهانو آهي جنهن سان هو لائيم لائيٽ تي اچي ويو آهي، پر، هن جو اصلي ڪردار خود ”زندگي“ جي تشريح آهي، زندگي جو اولڙو آهي. آئون ڪيس هن وشال ڪائنات جو مائڪرو ڪوزم Microcosm سڏيندس، جو جي ايم لاڙڪ جي منهن ۾ نهارڻ سان ايئن لڳندو آهي جيئن توهان زندگي کي اکيون اکين سان ملي ڏسي رهيا آهيو، زندگي بہ اها زندگي نہ جيڪا ممي ڊيڊي پاران مليل رانديڪن جي ٽوڙڻ ۽ وري بازار مان نوان وٺڻ ۽ پوءِ شوق خاطر گهڻو ڪجهہ وٺي محبوب يا پسنديده ڇوڪري سان شادي نہ ٿيڻ جي ڏک واري زندگي نہ پر رڳو زندگي جي هجڻ ۽ زندگي جي محسوس ڪرڻ واري زندگي جي ايم جي اکين ۾ آهي. جي ايم وٽ پنهنجن لفظن ۾ زندگي جي ڏک ۽ سک جو تشريحون تہ الڳ ڪهڙيون هونديون پر هن جيڪا زندگي 43 سالن تائين گذاري آهي اها ٻي آهي. چائلڊ اسپتال ڪراچي جي ان ڊاڪٽر جي هٿن کي مون ڏٺو پئي جنهن پنهنجي پراڻي پيشنٽ جي ايم کي ٻنهي هٿن سان سلام ڪري رهيو هو تہ هي ٿيليسميا جو سڀ کان وڏو ٻار آهي، ان ڊاڪٽر وٽ ٿيليسميا پنهنجي جنگ ۾ حيثيت هارائي ويٺو هو هاڻي ٿيليسميا مرض نہ پر هڪ هارايل سپاهي هو جڏهن تہ جي ايم جنگ کٽيل سپهہ سالار هو.

جي ايم لاڙڪ جي سڃاڻپ هڪ شاعر طور آهي جنهن وٽ درد ۽ محبتون تہ آهن ئي سهي پر اميد ۽ نااميدي بہ اڪٻوٽ جيان آهي. هو جيتوڻيڪ نثري نظم لکي ٿو پر شاعراڻي احساس کي سمجهڻ لاءِ جي ايم جي اکين ۾ جهاتي پائڻ ضروري آهي. جي ايم صرف شاعري نہ ڪئي پر زندگي کي معنيٰ ڏيڻ لاءِ هن گهڻو ڪجهہ ڪيو هوندو. جنهن





۾ تعليم پرائڻ، محبت ڪرڻ، انٽرنيٽ ۽ فن جي دنيا ۾ جهاتيون پائڻ جهڙيون ڪيتريون ئي شيون شامل ڪري سگهجن ٿيون. جيڪڏهن شاعري جا موضوع ڏسبا تہ ساختي طور اختلاف رکي سگهجي ٿو تہ ساڳئي وقت موضوعي طرح اها شاعري سرهي محسوس ٿيندي هوندي جيڪا شاعري جي ايم جي حصي ۾ آئي هوندي. ان ڪري شاعري سرهي نہ ٿيندي هوندي جو اها وڏي يا اعليٰ شاعري هوندي پر ان ڪري جو اها شاعري هڪ اصلي ۽ حقيقي ڪردار جي پاران ٿيل اصلي ۽ حقيقي احساس آهن. اها دنيا جي واحد شاعري هوندي جيڪا سرهي ان ڪري بہ ٿيندي هوندي جو ان شاعري ۾ هڪڙو شخص ساهہ کڻندو هوندو. جي ايم شاعري لاءِ نہ پر شاعري جي ايم لاءِ آهي. ان شاعري جي توسط سان سنڌ جي ايم کي سڃاڻي ٿي.

جي ايم ٿيليسميا سان جهيڙيندڙ اهو شخص آهي جنهن ان موذي مرض کي شڪست ڏني آهي. ان صرف زنده رهي شڪست نہ ڏني آهي پر پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري زندهہ هجڻ جو ثبوت بہ ڏنو آهي. ادبي طرح شاعري يا ادبي سنگت سان وابستہ هجڻ سان گڏوگڏ جي ايم ڪورونا جي ڏينهن ۾ بہ پنهنجو ڪردار آن لائين سيشنز ذريعي ادا ڪيو. جڏهن دنيا ڪورونا جي ڪري پاسيري ٿي سوشل ڊسٽنس ڏانهن هلي وئي تہ جي ايم ان سوشلائيزيشن جي mode کي آن لائين ڪٺي آيو جنهن سان مشاعرا، شخصي ڪچهريون، ميڙاڪا، انٽرويوز وغيره ڪري پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. تاريخ شاهدي ڏيندي تہ جي ايم پنهنجو ڪردار ڀرپور نموني ادا ڪيو آهي.

زندگي ڇا آهي ۽ ڪيئن آهي؟ اهو سوال اڪبر لغاري ۽ احمد سولنگي جي ذهن ۾ بہ تڏهن آيو هوندو جڏهن اهي جي ايم سان ملڻ چلڊرن اسپتال ڪراچي ويا هوندا. سموري سنڌ جنهن نموني جي ايم جي پرگهور لڌي جي ايم ايئن ئي سموري سنڌ سان پيار ڪري ٿو. زندگي جي وضاحت ڪنهن کي پڇڻي آهي تہ جي ايم جي اکين ۾ نهاريو. ايچ ايس ٿي استاد جي گهر ۾ جنم وٺندڙ جي ايم لاڙڪ الڳ ڪيترا هزار جنم ورتا هوندا. هر مهيني جي ايم کي خبر نہ هوندي تہ اڳين مهيني ڇا ٿيندو؟ پر جي ايم همت، حوصلي ۽ پنهنجي محبت سان وقت کي دوکو

ڏيندو، مسئلن ۾ اڪيون ڏيڪاريندو پنهنجي سفر ۾ هلندو آيو. هي عالمي ادب جو ڪو افسانوي ڪردار نہ آهي پر انهن افسانوي ڪردارن ڪان گهٽ بہ نہ آهي. پيٽر هينڊڪي Peter Handke جو جڳ مشهور ناول Goalie's anxiety at the penalty kick سموري ناول ۾ انهي پينلٽي ڪِڪ جي نتيجن جو پوڳي ٿو پر اسان جو جي ايم لاڙڪ ان سموري زندگي ڪي لطف ۽ محبت سان استوار ڪيو آهي. جي ايم لاڙڪ ڪيترائي سنتياگو، ڪيترائي گولي ۽ ڪيترائي عالمي افسانوي ڪردارن ڪان گهٽو اوچو محسوس ٿيندو آهي. هن شخص وٽ اچي اسان سيني ڪي بهادري ۽ همت لفظن جي معنيٰ جي خبر پوندي آهي. هن شخص جي مسڪراهٽ ۾ اسان ڪي زندگي جون لڪيرون ساهہ ڪڻندي محسوس ٿينديون آهن. هن بهادر شخص رات سان ڏينهن ٽيڙ تائين ۽ ڏينهن ٽيڙ ڪان رات ٽيڙ تائين جنگ ڪئي آهي. هو امر ڪردار آهي ۽ امر رهندو. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ اسان پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ انهن موذي مرضن سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ ڪهڙا اپاءُ ڪيا آهن؟





# لفظ لڙڪن جا سفير

## صفر ڪلهوڙو

جي ايم لاڙڪ هن ڌرتي تي پيار جو پڪي آهي پڪي بہ اهڙو جيڪو پنهنجي ساٿي جي وڇوڙي ڪانپوءِ پيو روئي ۽ رڙي ڪوڪي ۽ ڪڙهي . جي ايم لاڙڪ يا تہ سارس آهي يا ٻاٻيهو . هن مون سان سرد ۽ گرم موسم جا ڏينهن گڏ گذاريا آهن ، هو سرديءَ ۾ سارس ٿي ويندو آهي ۽ گرميءَ ۾ ٻاٻيهو ٿي ويندو آهي . هو نثري نظم جو شاعر آهي . هو جڏهن نثري نظم لکي ٿو هو روئي ٿو يا هن جو روح روئي ٿو مونکي هن جا لفظ لڙڪن جا سفير لڳندا آهن جيڪي مون پنهنجي من جي منديءَ ۾ مڙهي ڇڏيا آهن . ٿي ٿو سگهي ايئن نہ هجي پر مونکي ايئن ئي لڳندو آهي . ڇو تہ آءٌ ساڻس محبت ڪندو آهيان ۽ محبت ڪوڙ نہ ڳالهائيندي آهي ۽ هو محبت جي قابل آهي . هو فرعون ناهي نہ هن وٽ فرعون جيڏي دولت آهي هو سخي آهي سخي پيار ڪندا آهن ، سونهن کي پسند ڪندا آهن هو فطرت جي حسن جو عاشق آهي . جي ايم لاڙڪ پنهنجي روين ۾ معصوم آهي بي ضرر آهي بيحد ڀلو آهي. هن جي دل نفيس ۽ نازڪ آهي. ڪرونا جي ڪري جڏهن لاڪ ڊائون ٿيو، هر ڪو پنهنجي گهرن ۾ واڙجي ويو ۽ موت جي خبرن سان هراسجي ويو، تڏهن جي ايم لاڙڪ لائيو پروگرام ڪري پوري سنڌ جي ڏات ڌڻين کي مسڪراهٽون ڏنيون. جي ايم محبتي پنهنجي شاعريءَ ۾ پاڻ آهي هن وٽ جيڪو ڪجهہ بہ آهي پنهنجو آهي. هن پنهنجي تخليقي سفر ۾ ڪڏهن بہ بيساکيون پاڻ سان گڏ ناهن رکيون. هن جو پنهنجو دڳ آهي. جيتوڻيڪ هاڻي سندس دڳ تي ٻين مسافرن جي پيرن جا نشان بہ نظر اچن ٿا. جي ايم اهڙو خوبصورت من رڪندڙ نثري نظم جو شاعر آهي، جنهن ڪڏهن بہ پلاننگ سان ناهي لکيو، بس خيال آيو

ان کي لکي ڇڏيو، اجائي ڊيگهه کان پاسو ڪندو رهيو . جي ايم جا نثري نظم/ نثري ٽڪڙا باشوءَ جي هائيڪن جهڙا مختصر ۽ پراثر هجن ٿا . هو ڪڏهن بہ مصنوعي ۽ هٽرادو ناهي رهيو. هو عشق جو اوتار آهي. هن جي نثري نظمن جا موضوع پريمءَ جا پور ئي آهن. پورن جي پسمنظر ۾ اڻٽٽ يادون آهن. پيارا جي ايم تون بيشڪ هڪ خوش نصيب انسان آهين، جنهن سان هن ڌرتيءَ جا اڻ ڳڻيا عاشق ذات ڏٺي محبت ڪندا آهن. يار ايسين تہ نہ وڃجانءِ جيسين آءٌ جهان ۾ آهيان، مون کي تنهنجي پيار جو، زندگي جي هر موڙ تي ساٿ کپي.



# جي ايم لاڙڪ
# منهنجو دوست

## پريم پتافي

اهو شايد سال 1995 يا 96 جو دور هو جڏهن جي ايم، سائين ستار سومرو وٽ ڪمپيوٽر جي سکيا وٺندو هو ۽ اسان جي سڄي سنگت جو ستار جي دڪان سائبر ڪمپوزنگ سينٽر تي ديرو هوندو هو.. جميل سومرو، فدا ملڪ، ملزم سومرو، حقنواز، غفار سومرو، مفتون سائين سميت سيئي شاعر هڪيا ٽڪيا پنهنجي شاعري سميت ستار جي دڪان تي هوندا هئاسين.. ڇا ڏينهن ڇا راتيون، هر رات نئون سج اڀاري دڪان تان اٿندا هئاسين.. جي ايم لاڙڪ سان محبت جو سلسلو اتان ئي شروع ٿيو، جيڪو اڄ ڏينهن تائين قائم آهي... ان وقت جي ايم پابند شاعري لکڻ سان شاعري جي شروعات ڪئي هئي.. سنگت جون گڏجاڻيون بہ اتي ٿينديون هيون.. انهن ئي ڏينهن ۾ ستار سومرو، جميل سومرو، مفتون ڪورائي، غفار سومرو، جي ايم لاڙڪ ۽ فدا ملڪ جي ڪوشش سان، سنڌي ادبي سنگت ڏهرڪي طرفان تنوار رسالو بہ جاري ڪيو ويو هو... ان سڄي اسان جي ادبي حلقي ۾ جي ايم لاڙڪ جو هميشہ متحرڪ ڪردار رهندو آيو آهي.. هو ڪڏهن بہ مايوس ٿي ٽڪجي نہ وينو آهي. زندگي جي مشڪل ترين حالتن ۾ بہ جي ايم سدائين ادبي سفر توڙي ادبي پورهئي ۾ سدائين اڳيرو رهيو آهي...

جي ايم توڙي جو شاعري جي مختلف صنفن تي لکيو آهي، پر ان جي سڃاڻپ نثري نظم آهي... نثري نظم عروضي قيد بند کان آزاد هوندي به لکڻ تمام گهڻو مشڪل آهي چو تہ نثري نظم ۾ فڪر جي گهرائي سان گڏ خيال جي پيشڪش جو تمام گهڻو خيال رکڻو پوي ٿو. صرف لفظن جي مجموعي يا لفظن کي اڳتي پوئتي ڪري لکڻ يا ڪنهن ڳالهہ کي هڪ هنڌ بيان ڪرڻ کي نثري نظم نٿو چئي سگهجي..

ان ڏس ۾ جي ايم لاڙڪ جا نثري نظم پيشڪش ۽ فڪر جي لحاظ کان بيحد خوبصورت، بنهہ منفرد آهن.. اڇوتا احساس ۽ عام رواجي خيال بہ جي ايم پنهنجي نظم ۾ وڏي خبرداري ۽ ٽيڪنڪ سان بيان ڪري پڙهندڙن کي جهٽ ۾ پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪري سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏي ٿو.. جيڪا جي ايم جي وڏي خوبي آهي ۽ ٻين ڪيترن ئي شاعرن کان ڪيس منفرد ڪري بيهاري ٿي... جي ايم جا ڪيترائي اهڙا نثري نظم آهن جن کي وري وري پڙهڻ لاءِ دل چوندي آهي ۽ ڪيترائي نظم ڊائري ۾ نوٽ ڪري پنهنجي محبوبا کي ان باڪس ڪرڻ جهڙا آهن.. دعا آهي تہ مولا پاڪ جي ايم کي سٺي صحت ڏئي ۽ ڪيس وڏي ڄمار ڏئي تہ جيئن هي اسان جو يار اجا وڌيڪ ادب جي آبياري ڪري سگهي..





# پنهنجي عمر کان وڌيڪ تڪليفون سَهندڙ

## جي ايم لاڙڪ

## روشن شيخ

جي ايم لاڙڪ پنهنجي عمر کان وڌيڪ تڪليفون سَٺيون آهن. هن گهڻا نثري نظم لکيا آهن، ۽ علاج جي واسطي وڏا سفر ڪيا هِن. هِن يارڙي کي سنڌ جا جيترا شاعر سڃاڻن، اوترو ئي هِنَ کي اسپتالن جون پٽيون ۽ نرسون به سڃاڻن.

جي ايم لاڙڪ جي نثري نظمن لاءِ پلي ڪو ـ نقادُ کهڙي به فتويٰ جاري ڪري، پر مونکي جي ايم ۽ سندس نظم حد کان وڌيڪ پيارا آهن.

رت جي ڪَميءَ جهڙي ڏکي بيماريءَ سان جهيڙيندڙ جي ايم لاڙڪ اسانجي هاٺوڪي ٿهيءَ جو، نثري نظمن جو اهو شاعر آهي، جنهن وٽ پنهنجو الڳ ڏڳ آهي، الڳ رنگُ، الڳ موضوعَ آهن. هن وٽ الڳ توايون آهن...

هِنَ ڪتاب ۾ موجود نظم ، اصل ۾ جي ايم جا ڪوسا لڙڪ آهن، جن لڙڪن کي ڪو رئو ضرور ملڻ گهرجي.

# جي، ايم کي بس محبتون کپن

## جميل سومرو

جي . ايم کي ٻيو ڪجھ به نه بس محبتون کپن . پيار تائين پهچ لاءِ جي . ايم پنهنجو سڀ ڪجھ قربان ڪري ويٺو آهي . جي . ايم جون هڙئي وڪون قربداريءَ ڏانهن ئي کڄنديون رهيون آهن . لڱائي چڱائي جي . ايم جو ڪجھ به بگاڙي نه سگهي آهي . هن کي تڪليفن ڪڍهن به ناهي منجهايو . هن کي جيڪڏهن ماريو آهي ته پيار جي اڻ هوند ۾ ڪوٺ ئي ماريو آهي.

مٺاڇرن سماجي روين هن جو هزارين ڀيرا ساهه ڪڍيو آهي . هن هر ايذاءُ کي ثانوي سمجهي سدائين اڳتي وک پٽي وڌائي آهي . پر هڪڙي عذاب هن کي سدائين اڌ مئو پٽي ڪيو آهي . اها قيامت جي . ايم کي جيئڻ نه ٿي ڏئي.

سوچن جي محور جي ٻي ڏياني جي . ايم کي نثري نظمن ڏانهن وٺي آئي ۾ جي . ايم وري ايڏو پيار ڪندڙ محبوب انسان جو سمورا لنوءَ نثري نظمن سان لڳائي ويٺو ۽ اڄ سوڌو انهي صنف سان نڀائي پيو . نثري نظمن سان عشق جو دليل ان جو هي ڪتاب "دل جي وال تان" آهي.





# اميچوئر، ميچوئر شخص... جي ايم لاڙڪ ..

## حق نواز شيراز چانڊيو

يار جي ايم هي ڇا لکيو اٿئي؟... يار جي ايم هن نظم ۾ ڪهڙي ٻولي يُوز ڪئي اٿئي؟... يار جي ايم هي ڪهڙي تصوير رکي اٿئي؟... يار جي ايم هي ڪهڙو اسٽيٽس رکيو اٿئي؟... يار جي ايم صفا ڪو اميچوئر آهين... هي جملا مون سميت هن اميچوئر شخص لاءِ سڀ استعمال ڪندا رهيا آهن... هن جو بيباڪ ٿي سيني جي اڳيان جيڪو وٺي ڳالهائڻ بہ نہ وٽندو اٿم... يار ڪجھ تہ ميچورٽي هجي ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾...

مختلف مينوفيڪچرنگ ڪمپنيز ۾ "فائيو سيڪنڊ پاز يا ويٽ' معني پنج سيڪنڊ انتظار" جو ڪانسيپٽ عام آهي، مطلب ڪا بہ ڳالهہ يا فيصلو ڪرڻ کان اڳ 05 سيڪنڊ انتظار ڪيو، ائين ڪرڻ سان اوهان کي سوچڻ جو موقعو ملي ويندو، مون کي بہ جڏهن هن جي اهڙي اميچوئر ڳالهہ تي غصو ايندو آهي تہ آئون بہ پنج سيڪنڊ انتظار ڪندو آهيان ۽ هن جي جاءِ تي ويهي سوچيندو آهيان تہ مون کي هي شخص پاڻ کان وڌيڪ ميچوئر لڳندو آهي..

زندگي جيتري امتحانن ۾ هن کي وڌو آهي، هي شخص اوترو وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي. هي جڏهن ٿڪندو آهي، تہ پنهنجي ذهن جو بوجھ پنهنجي اسٽيٽس، ڪنهن دوست جي ڪلهي تي مٿو رکي يا شاعري جو سهارو وٺي، پنن تي يا پنهنجي وال تي لاهي ڇڏيندو آهي...

هن جي شاعري هن جي زندگيءَ جي پوڳڻائن جو نتيجو آهي، والدين کان پوءِ هن کي وڌيڪ سهارو شاعري ڏنو آهي ۽ هو انهي سهاري ذريعي پنهنجي محبتن ۽ پوڳڻائن جو اظهار ڪندو رهي ٿو...

ڪتاب "دل جي وال تان" انهن سمورين اميچوئرٽيز جو مجموعو آهي، جيڪو پنهنجي اندر ميچورٽي جي هڪ پوري ڪائنات آهي...

جي ايم لاڙڪ هڪ اميچوئر پر ميچوئر شخص آهي، جنهن سان سموري سنڌ پيار ڪري ٿي...





# جي. ايم. لاڙڪ ۽ ان جو سجايو مواد

## منل جسڪاڻي

“حڪم” ٿيو آهي، تہ لکڻو پيو، پر سوچيان پيو تہ لکان ڇا تي؟ جي. ايم. لاڙڪ جي شخصيت تي لکان، تہ سندس حرڪتن (تحرڪ) تي ڇو نہ لکان يا همتن ۽ حوصلن تي لکان، تہ جي. ايم. جي نظمن، نثري نظمن، نثر تي ڇو نہ لکان يا انهن جي پيشڪش تي لکان؟...

جي. ايم. جي شخصيت، ڪردار، شاعري، نثر تي لکڻ کان پهرين اهو لکڻ ضروري پيو سمجهان، تہ ڪو بہ پڙهندڙ ائين نہ سمجهي، تہ ڪو ڏڦ تي بندوقون پيو چوڙيان. جي. ايم. لاڙڪ سان لڳ لاڳاپي جي عالم آشڪار ذريعي سوشل ميڊيا وسيلي، جي. ايم. جي ٻين سوين يا هزارين لاڳاپي وارن وانگر، آئون بہ ڪيس نہ صرف پڙهندو، ڏسندو ۽ ٻڌندو رهيو آهيان، پر اسان لوڪ ڪان لڪي لڪي بہ، پاڻ ۾ ڳالهائيندا، روح رچنديون ڪندا رهيا آهيون. صرف فيس بوڪ يا اسٽريم يارڊ ئي نہ، موبائيل فون وسيلي، واٽس ايپ ذريعي بہ ائين ملندا، هڪ ٻئي کي ڏسندا ۽ ڳالهيون ڪندا رهيا آهيون، جيئن ٻيا ۽ ٻيون سڀ پاڻ ۾... هونئن نہ تہ اسان جي روبرو پهرين ملاقات ٽنڊي محمد خان ۾ ٿي. ان جي شاهدي جيڪڏهن هونئن ڪير نہ بہ ڏيندو، تہ ڳوڳل سان ڪا هڪ اڌ تصوير اهڙي بہ ملي ويندي، جنهن ۾ اسان ٻئي گڏ، هڪ ٻئي کي ويجها نہ ئي سهي، پر هونداسين ضرور. اهڙي طرح، ٻيو ڪير شاهدي ڏي يا نہ بہ ڏي، اسان حيدرآباد ۾ بہ مليا آهيون ۽ رڪارڊ ٿلورڻ سان ڪنهن جي وڊيو ۾، تہ ڪنهن جي تصويرن ۾ نظر اچي ويندا سين.

اسان پاڻ ۾ نهيل بہ گهٽا آهيون، تہ ڦتل بہ گهٽا آهيون. ثابتي لاءِ اوهان کي جي. ايم. جون ٻين سان ڪوڙ سيلفيون ملي وينديون، پر مون سان گڏ جي. ايم. جي، جيڪو بہ سيلفي ڏيڪاريندو، ان جو حڪم ڪپي، وت ۽ وس وڏا ڪندس، تہ اهو بہ مايوس نہ ٿئي.

جي. ايم. لاڙڪ حوصلي جي حوالي سان مون کي ائين لڳندو آهي، جيئن ٻيا، ٻين جي لاءِ چوندا ۽ لکندا آهن، ته هماليا جيڏو حوصلو ٿو رکي، آئون چوندس به ۽ لکندس به، ته جي. ايم. لاڙڪ جي حوصلي اڳيان هماليا ايترو مختصر ۽ ننڍو آهي، جيترو ڪو وائرس... ۽ ها، جي. ايم. يا منل، اهي ٻئي به، ڪنهن وائرس کان گهٽ نه آهن، اها ٻي حقيقت آهي، ته اسان جيڪي وائرس آهيون، انهن مان ڪنهن کي به، ڪو به خطرو نه آهي، ڪو به نقصان نه پهچندو، البت ڪير به، پاڻ کي پاڻهي نقصان پهچائي ٿو، ته اهو پاڻ ذميوار هوندو.

جي. ايم. لاڙڪ جي شاعري پڙهندڙ به گهٽا، ان تي راءِ رکندڙ به جهجها.

جي. ايم. جا نثري نظم مختصر ترين به آهن، پر لاجواب به آهن، ته ڪي نثري نظم وڏا، ڊگها به آهن، انهن ۾ غير ضروري لفظ، اضافي سٽون به هونديون، پر انهن ۾ منفرد ۽ دلبر احساس به هوندا، جذبا به هوندا، گهڻو ڪجهه هوندو.

”حڪم“ وقت جيترو وٽي، اوترو لکڻ جي اجازت به ملي، پر اجازت جي پردي ۾، مختصر لکڻ جي منٿ به هئي. ان ڪري جي. ايم. جي هن مجموعي ۾ موجود نثري نظمن مان لکڻ لاءِ نوٽ ته گهڻا نثري نظم ڪيا هئم، پر هتي هڪ به نه ٿو لکان. لکندس، ته مجموعي مان پڙهڻ لاءِ باقي ڇا ملندو؟ چو ته ٻين به ته پنهنجي تحريرن ۾ جي. ايم. جا نثري نظم لکيا هوندا.

جي. ايم. جو مجموعو وڌيڪ وڏو ۽ جامع اچڻ کپندو هو، پر جيترو به آهي، نثري نظمن ۾ جاءِ والارڻ جهڙو آهي. جنهن جنهن به سهيڙڻ ۾ جي. ايم. جي مدد ڪئي آهي، هن مجموعي جي اهميت جون مارڪون، انهن سڀني جي کاتي ۾ برابر ورهائڻ گهرجن.

مون کي اميد آهي ته جي. ايم. لاڙڪ جو ڇپجي نه سگهيل سمورو مواد، آهستي آهستي پر ڇپبو ضرور، چو ته جي. ايم. اڪثر سڄايو لکيو آهي، سڄايو لکيل مواد ڪتابي صورت ۾ هجڻ گهرجي.





## پنهنجي پاران..

پبلشر پاران جڏهن مون کي پنهنجي پاران لکڻ لاءِ چيو ته مان گهبرائجي ويس، ته يار پنهنجي پاران به لکڻو پوندو ڇا ؟ انهيءَ ٻڌڻ ۾ ڪافي ڏينهن گذري ويا ڪئي ڀيرا احساس جُڙيا ۽ ڊهي ويا. نيٺ لکڻو پيو سو اوهان سان ونڊ ٿو ڪيان.

سنڌي ادب ۾ ڪتابن جي ڇپجڻ جو سلسلو ڪافي پراڻو آهي پر گذريل هڪ ڏهاڪي کان ان جي ڇپائي ۾ تيزي آئي آهي هر شاعر اديب دوست پنهنجو ڪتاب آڻڻ ۾ خوش ٿيندو آهي ۽ هڙان وڙان ڏئي ڪري به ڪتاب ڇپرائي پيو ۽ پنهنجي حلقءِ احباب ۾ ورهائي ڪري دلي خوشي محسوس ڪري پيو. سو مون به شاعري گڏ ڪرڻ شروع ڪئي دل چيو ته مان به صاحب ڪتاب ٿيان ۽ ڪتاب کي ڇپرائڻ جي ڪوشش ڪيان. ڪتاب جي نالي تي ڪئي ڀيرا دل ٻڌي ۽ ٽٽي پر نيٺ جيڪو درد دل جي وال تي لکيل هو سو ان کي دل جي وال سان ئي منسوب ڪري ڪتاب جو نالو (دل جي وال تان) رکيم.

آئون پاڻ کي نثري نظمن جي فيلڊ ۾ ايڊجسٽ ڪيو. غزل، وائي، گيت جي صنفن ۾ آهي ماپ تور، ڪٽ سٽ، سا مون کي اچي ئي ڪونه. اسين پيار ڪرڻ وارا سادا سودا ماڻهو ، سو ڪٽ ۽ ونڊ پاڻ کي پئي مُنجهائي. رياضي جو آئون آهيان ئي ڄڏو، ان ڪري پاڻ ان طرف کان پَرڀرا رهياسين.

بابا ۽ امان وارا چوندا آهن ته آئون 11 مارچ 1978ع تي بهار جي مند ۾ صبح جي ٿڌڙي پهر ۾ جنم ورتو پر شايد اها ئي بهار هئي جيڪا بابا امان وارا چون پيا پر مون هيل تائين زندگي ۾ ڪا به بهار جهڙي خوشي ناهي ماڻي. بابا سائين هڪ استاد جي حيثيت سان منهنجي پرورش ۾ ڪا به ڪمي نه آڻڻ ڏني. بابا سائين مون کي علم جي روشني ڏني ۽ ڪس ڪسر سادي زندگي گذارڻ جو درس ڏنو.

اڄ جنهن منزل تي آئون آهيان، سو به پنهنجي والدين جي دعائن ۽ انهن جي سٺي پرورش جي ڪري ئي آهيان.

گهر ۾ آئون وڏي هجڻ جي ناتي احتياط سان هلندو آهيان ڪڏهن سخت تہ ڪڏهن نرم، پر مان دل جو برو بلڪل ناهيان، انڪري مون کي احساساتي تڪليفن مان گذرڻو پوندو آهي، جنهن ڪري منهنجي طبيعت بي چين رهندي آهي.

دوستن سان آئون تمام کليو ڊليو آهيان، انهن جي ڏکي سکي ۾ پهرئين پهچڻ تي ڪوشش ڪندو آهيان ۽ مان سچائي کي اولين ترجيح سان اهميت ڏيندو آهيان. آئون جنهن بہ دوست سان بيهندو آهيان تہ مرڻ گهڙي تائين ان سان گڏ هوندو آهيان، پوءِ چونہ منهنجو ذاتي نقصان ٿيو وڃي.

آئون مرحوم ڏاڏي امان کي ڏاڍو پيارو هيس، ان سان ئي سيئي لاڏ ڪوڏ هئا، ان جي وڃڻ کان پوءِ منهنجي زندگي ۾ نئون موڙ آيو. نئون مُوڙ ڇا آيو، منهنجي زندگي بدلجي وئي آئون تنهائي پسند هيس، اچانڪ گهرڏاري ۽ دنياداري سنڀالڻي پئجي وئي، انهيءَ دوران تنهائي سان گهرو ناتو جڙي ويو، تنهائي ۾ جيڪي احساس جڙيا پئي سي شاعري جي ٻولي ٻڌجدا ويا. هي جيڪو نثري نظمن جو ڪتاب "دل جي وال تان " آيو آهي سو بہ اُن تنهائي جو حصو آهي، مون کي شاعري ۾ پناهہ ملندي آهي ۽ شاعريءَ سان پيار آهي، مون کي شاعري ڪرڻ ۽ پڙهڻ ۾ سڪون ملندو آهي:

دل جا ارمان
دل ۾ رهڻ سان
وڏي ويندا آهن
ان ڪري مان
شاعري ڪندو آهيان
دل جي وال تان....

منهنجو ننڍپڻ اڪيلائپ ۽ ڪربناڪ گذريو ٿيليسيميا جي مرض جي ڪري گهر ۾ اڪثر اڪيلو رهندو هيس.

مرحوم چاچا استاد علي حسن لاڙڪ جيڪو فقير منش انسان هيو، پرائمري استاد هو سو ان مون کي پهرئين کان پنجين تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهايو، پوءِ ان منهنجي ڪري پنهنجي بدلي ڍهرکي





مين پرائمري اسڪول ۾ ڪرائي، ان ڪري جو آئون اسلاميہ ماڊل اسڪول ۾ داخلا ورتي هئي ڇهين کان اٺين تائين اتي ئي پڙهيس .

اسلاميہ ماڊل اسڪول ڍهرکي ۾ جتي بابا جو مرحوم دوست چاچا الهورايو خان مهر ۽ ميڊم فاطمه صاحبہ جن جو پيار مليو. ميٽرڪ ڍهرکي پي هاءِ اسڪول مان ڪيم، انٽر ڊگري ڪاليج ميرپورماٿيلو مان ۽ بي ايس سي 1998 ۾ گهوٽڪي ڊگري ڪاليج مان گڏوگڏ ڪمپيوٽر ۾ ڊپلوما بہ ڪيم، انهيءَ دوران مرشد پبلڪ اسڪول ڍهرکي ۾ ڪمپيوٽر انسٽرڪٽر ۽ ٽيچنگ بہ ڪندو رهيس ۽ ڏينهن جي پوئين پهر ۾ سائيبر ڪمپوزنگ ڪمپيوٽر تي بہ سائين عبدالستار سومرو جيڪو دوست سان گڏ استاد بہ هيو ان جي سينٽر تي ڪمپوزنگ جو ڪم سکندو هيس.

شاعري تہ ڪچي ڦڪي ڪندو هيس پر ان کي ڪو سنوارڻ وارو نہ پئي مليو، منهنجي خوش نصيبي جو اتي سنڌ جي نالي واري خوبصورت شاعر سائين جميل سومرو صاحب جي صحبت ملي اتان ئي ادبي سفر جو آغاز ٿيو ۽ ادبي رنگ چڙهيو عشق جو درد اڳئي روح ۾ رتل هو بس ان همدرد جي صحبت ۽ محبت اندر جي درد کي شاعر بڻائي ڇڏيو، ائين ئي آئون شاعري ڏانهن وڌيڪ وک وڌائي.

سنڌي ادبي سنگت ۾ ميمبر بہ اتان ئي ٿيس سنڌي ادبي سنگت شاخ جي پهرئين پرچي ۾ منهنجي چوسٽي کي جاءِ ملي، جيڪو سن 2000 ۾ شاخ ڍهرکي پاران ڇپرايو ويو هو. انهي دوران نوڪري جي تلاش ڪندي نادرا ڊسٽرڪٽ گهوٽڪي ۾ پهرئين ڪمپيوٽر آپريٽرطور جاب ملي.سن 2000 کان 2004 تائين اينگرو ڪيميڪل ۾ ڪمپيوٽر آپريٽر طور ڪم ڪيم.

2004 ۾ شادي ٿي، جنهن کانپوءِ رولاڪيون گهٽجي ويون ۽ طبعت ۾ ڪافي حد تائين ٺهراءُ آيو ۽ آئون اڄ تائين ڏاڍو خوش آهيان، بابا سائين جي ان فيصلي تي جو انهن منهنجي ارينج ميرج ڪرائي، جي ڪيان ها پيار جو پرڻو تہ شايد اڄ آئون اوهان جي ٽولي جو ساٿي نہ هجان ها، ۽ سٺو ٿيو جو پيار پيارئي رهجي ويو. 2009 ۾ پٽ جي نعمت سان رب پاڪ نوازيو جنهن جو نالو عادل رکيو، جيڪو هن وقت

12 سالن جو آهي . 2021ع ۾ رب پاڪ ڏي ماهه نور جهڙي رحمت سان نوازيو، جنهن جي اچڻ سان مون کي روحاني خوشي ملي آهي، شام جو جڏهن آفيس مان ٿڪل ٽٽل گهر پهچندو آهيان تہ ان کي ڏسي منهنجا سڀ ڏک هڪ پل ۾ دور ٿي ويندا آهن.

2004ع کان وٺي هن مهل تائين ايف ايف سي ميرپور ماٿيلو ۾ E&I ڊپارٽمنٽ ڪم ڪيان پيو، انهيءَ دوران زندگيءَ جي ڪافي سارن لاهن چاڙهن کي منهن ڏيڻو پيو، ڪئي بار زندگي بغاوت ڪئي پر ان جي بغاوت کي پنهنجي جوان مردي سان ڪچلي نئين سر قدم اڳتي وڌائيندو پيو اچان.

آئون ڪڏهن ڪڏهن پاڻ بہ ڏاڍو باغي ٿي ويندو آهيان، هن زندگي مان، پر پوءِ ٻچڙن جو خيال ايندي ئي پور پور ٿي ويندو آهيان ۽ اندر جي باهہ اندر ۾ ئي وسائي ڇڏيندو آهيان. ٿيليسيميا سان جنگ وڙهندي وڙهندي هاڻ تہ اسين بہ جنگجو بڻجي ويا آهيون، نہ ڪينولا جو درد، درد لڳي ٿو ۽ هاڻ ان درد جا نشئي ٿي ويا آهيون ۽ ماني بجاءِ ناشتي ۾ گوريون کائي نوڪري ۽ اسڪول لاءِ ويندا آهيون.

اهڙي تڪليف ۾ دوست ۽ مائٽ بہ ڇڏي ويا آهن، ظاهر آهي ڪير ڪنهن جو ناهي هوندو، انهن جي ڇڏي وڃڻ جو ڪوبہ ڏک ناهي، چو جو رب پاڪ انهن جي بدلي ۾ مون کي تمام سنا دوست ڏنا آهن، جن جي ڪري اڄ آئون زندهہ آهيان.

مجھ سے بچھڑ کے وہ بھی کہاں اب پہلے جیسی ہے...

هتي پنهنجي پيار جو ذڪر نہ ڪيان تہ شايد ضمير ملامت ڪندو، هي ان جو ئي پيار تہ آهي جو آئون اڄ هڪ ٽٽل ڦٽل شخص هجڻ باوجود بہ باهمت، باڪردار ۽ حوصلي سان زندگي جي جنگ وڙهي رهيو آهيان، ان جو ڪريڊٽ ان کي ئي ڏيندس، هو اڪثر مون کي همٿائيندي هئي ۽ پنهنجي هٿن ۾ هٿ ڏئي چوندي هئي مجتبيٰ تون جي همٿ هاري تہ پوءِ ڪيئن ٿيندو توکي ڏسي تہ اسين جيئندا آهيون.

ڪرونا وبا جتي پوري دنيا کي پريشان ڪيو هو سو ادبي لڏي کي بہ گهڻو پريشان ڪيو هيائين سيئي ادبي سرگرميون معطل ٿي





ويون هيون سيئي دوست پنهنجي گهرن ۾ محصور ٿي رهجي ويا هئا تہ ڪئي دوست ڊپريشن ۾ هليا ويا هئا، چاڪاڻ جو ادبي ماڻهو ڪچهرين ميلن مشاعرن جو بي حد شوقين هوندو آهي، سو ان پريشاني مان نڪرڻ جو مون آسان حل ڳولهي ورتو هو، سو پنهنجي ڪمپوٽر جي تعليم مان فائدو وٺندي، گنڊريل لاڪ ڊائون جي ڏينهن ۾ ڊيجيٽل آن لائين ڪچهري جو انعقاد ڪري، سيني سنڌ واسين کي گهر ويٺي محفل مشاعرا، ذاتي انٽرويو ۽ روح رهاڻيون ڪيم، جنهن سان دوستن جي روح کي راحت ملي ۽ مون کي بہ ذاتي طور تي خوشي محسوس ٿي جنهن جي بدولت سڄي سنڌ مان مون کي پيار مليو.

آئون خواب گهڻ ڏسندو آهيان، چاڪاڻ جو خوابن جي ساپيان ناهي ٿيندي تہ پوءِ اڪثر دل ٽٽي پوندي آهي، ان ڪري آئون ننڊ جون ٽڪيون کائي سمهندو آهيان.

”دل جي وال تان“ نثري نظمن جي ڪتاب جو خواب بہ شايد 2 ، 3 سال اڳ ڏٺو هو تہ ڪاش آئون بہ پنهنجو ڪتاب ڇپائي سگهندس يا نہ.

هن خواب کي ساپيان ڪرڻ ۾ سڀ کان وڏيڪ منهنجي روحاني گرو سائين جميل سومرو صاحب جو هٿ آهي، جنهن هميشہ وڏي ڀاءُ جيان همٿ افزائي ۽ رهنمائي ڪئي ۽ منهنجي خوشي کي پنهنجي خوشي سمجهي ڪري منهنجي اڻپوري تخليقن کي اصلاح ڪري پورو ڪرڻ ۾ مدد ڪئي ۽ هي ڪتاب آڻڻ ۾ گهڻي ڀاڱي هٿ سائين جو رهيو آهي. ادبي ڪيتر ۾ بہ ادا حقنواز شيراز چانڊيو صاحب جي محبتن جو بہ وڏو ڪنٽريبوشن آهي ادا حقنواز هميشہ اتساهہ ڏيندو رهيو آهي، ڪل يوڳ ڪري مون کي هميشہ پنهنجائپ جو احساس ڏياريندو رهندو آهي. هن دور ۾ هر مزاج دوستن جو ملڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي، جس هجي ادا حقنواز شيراز چانڊيو کي جنهن گنڊريل هڪ ڏهاڪي کان جڏهن کان وٺي سنگت کي ڪيفي سنگت ٿي ڪچهري لئہ گڏ ڪيو آهي، جتي اسين ادبي ڪچهري ڪان وٺي، ويندي دنيا جي هر موضوع تي کُلي دل سان ڊسڪس ڪري، ٿهڪڙن سان رات جي موڪلاڻي ڪري نئين صبح جو آڪسيجن وٺي ، هر ڪوئي پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن ورندو آهي.

آئون دلي طور تي ٿورائتو آهيان سنڌ جي ناليواري ڪوي سائين اياز گل صاحب جن جو جن منهنجي عرض کي مان ڏيندي، مون کي بيڪ ٽائيٽل لاء پيار پريا لفظ لکي ڏنا. سائين اياز گل مان مونکي هميشہ پنهنجائپ وارو احساس مليو آهي.

ٿورائتو آهيان پياري دوست سنڌي ادب جي سهڻي نقاد سائين محمد دين راڄڙي صاحب جو، جن هميشه پنهنجي شفقت ڀري ڪچهرين سان مون کي اتساهہ ڏنو ۽ هر وک تي رهنمائي ڪئي ۽ ڪافي سيريس مسئلن کي افهام وتفهيم سان سلجهائڻ ۾ بہ وڏو نمايان ڪردار محمد دين صاحب جو ئي رهيو آهي ۽ سندس وڌيڪ ٿورائتو ان ڪري بہ آهيان جو ”دل جي وال تان“ جو مهاڳ لکي ڏنو.

آئون دلي طور تي ٿورائتو آهيان انهن معزز مهربانن جو منهنجي ڪتاب (دل جي وال تان) لاء پنهنجا رايا (تاثر) لکي ڏنا جن ۾ ، مانواري سائين صفر ڪلهوڙو صاحب، سائين جميل سومرو صاحب، سائين منل جسڪاڻي صاحب، سائين ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري صاحب، ادي ڊاڪٽر ثمينہ واحد صاحبہ، سائين غوث پيرازادو صاحب، اردو ادب جو ناميارو اديب سائين علي محمد فرشي صاحب،پيارو روشن شيخ صاحب، سائين پريم پتافي صاحب ۽ پنهنجي وڏي ادي ڊاڪٽر بختاور جام صاحبہ ۽ فدا ملڪ صاحب جو دلي طور تي ٿورائتو آهيان.

آئون ٿورائتو آهيان پنهنجي سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏهرڪي جي دوستن جو جن ۾ فدا ملڪ، ملزم سومرو،غفار سومرو، غفار شيخ، زاهد پٽو، مسافر پتافي، علي اڪبر سومرو، زاهد پنگر، عامر جان ملڪ سميت جيڪي هميشہ پيار ارپيندا رهيا آهن.

آئون پنهنجي فيملي ۾ پنهنجي ننڍي ڀائرن منصور قادر لاڙڪ، گل منير لاڙڪ، مقصود لاڙڪ ، ذوالفقار لاڙڪ ۽ ڀائيٽي محمد رمضان لاڙڪ جو بہ ٿورائتو آهيان، جن هميشہ عزت ڏني آهي ۽ منهنجو خيال رکندا پيا اچن.

ڪي ويجها ئي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين

دوستن ۾ انتهائي معتبر شخصيت سائين اعجاز احمد شيخ صاحب ،ادا محمد اسلم سولنگي صاحب ۽ ادا نور حسن ملڪ صاحب





جو بہ جيڪي سڄي پاءُ کان وڌيڪ خيال رکندا پيا اچن هر ڏک سک ۾ سدائين گڏو گڏ رهيا آهن، الله پاڪ منهنجي انهن پيارن کي خوش رکي، آمين.

آئون پنهنجي فيملي ڊاڪٽر ثاقب حسين انصاري صاحب جو بہ بي حد مشڪور آهيان، جيڪو هر وقت مون سان منهنجي صحت جي حوالي سان رابطي ۾ رهندو آهي.

I can’t even explain how much your help meant to me.
I don’t say it enough, but I just wanted to say thank you for always having my back.
Special Thanks for:
TV,NF,MIS,AUQ,MFS,QHD,AA,WHO,HA,UAK,ARK,MA,MR

آئون پنهنجي مهربان آفيسرن جو بہ ٿورائتو آهيان جن مون سان هر ڏکي وقت ۾ ساٿ ڏنو ڪڏهن بہ پريشان ٿيڻ نہ ڏنو. آئون انهن مڙني صاحبان لاءِ هر وقت دلي دعا ڪندو رهندو آهيان جتي بہ هجن پنهنجي ٻچڙن سان خوش وخرم هجن آمين.

آئون ريڪائون پبليڪيشن ڪراچيءَ جو خاص طور شڪر گذار آهيان، جن جي اداري پاران هي ڪتاب ڇپائيءَ جي مرحلن مان اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي.

آئون ڪو وڏو شاعر ناهيان، بس ڪجهہ لفظ جوڙي ڪري پنهنجي دل کي خوش ڪندو آهيان، جيڪو آهيان سو ئي اوهان جي سامهون آهيان.

آخر ۾ اگر دانستہ يا غير دانستہ ڪنهن دوست جي دل آزار ٿي هجي تہ مان ان ڪان دلي طور تي معافي جو طلبگار آهيان.

سڀني سڄڻن لاءِ پيار ۽ دعائون.

اوهان جو پنهنجو
**جي ايم لاڙڪ**
ڏهرڪي
03023362350

# دل جي وال تان

## نعت

ڏسڻ دل چوي ٿي مديني کي منهنجي،
پسڻ دل چوي ٿي مديني کي منهنجي.

۽ هر هر اُتي ئي سفر لئہ ڪهان مان،
وڃڻ دل چوي ٿي مديني ڏي منهنجي.

رهي پئي جگر جان ۽ منڙو هي منهنجو،
رهڻ دل چوي ٿي مديني ۾ منهنجي.

سدائين هجان زندگي ڀر اُتي مان
مرڻ دل چوي ٿي مديني ۾ منهنجي.

۽ هٿڙا دعا جا کڻان ۽ روئان مان،
وسڻ دل چوي ٿي مديني ۾ منهنجي.





## “محبتن جو ڪَٽ“

تون
آقا جي
امام حسين سان
محبتن جي ڪٽ
ڪھڙي ڪري سگھندين!؟
جو
ڪربلا جا شهزادا
سجدي دوران
ٻنهي جهانن جي سردار
جي پُشت مبارڪ تي
سوار رهيا.

## ”روز پيٽل “

اسان کان تہ
اهي
”روز پيٽل“ ٽشو
خوشنصيب آهن
جيڪي هر سمي
محبوبائن جي
نفيس هٿن سان
ڇهنيل رهن ٿا.
۽
اسين انهن جي
ميلاپ جو
لقاءُ
نہ چاهيندي بہ
روز ڏسندا رهون ٿا.
رقابت جو احساس
ڪيئن ختم ڪجي.





گهٽ ۾ گهٽ
مون کان
تہ نہ پڇو
جو مان
ڪنهن کي
هن جي ويجهو
نہ ٿو
برداشت
ڪري سگهان
پوءِ اهو
” ٽشو پيپر ”
ئي ڪٽي چونہ هجي.

## “منهنجو اندر”

اي مٺي!
توکي
ڪو
مسجد چوي
يا
مندر چوي
پر
تون
مون لئه
منهنجو اندر آهين.





## “ڪاوڙجندي”

هُومون سان
موسمن وانگر
محبت ڪندي هئي.
ڪڏهن نرم نازڪ احساسن سان
ڪڏهن جُون جي
گرمي جي تپش وانگر
ڪاوڙجندي
محبت ڪندي هئي.
ڪڏهن تہ
سانوڻ برسات وانگر وسندي
محبت ڪندي هئي.

## “سُپر مُون“

اڙي او چنڊ!
تون ته سالن جي انتظار پُڄاڻان
“سپر مُون ” جي صورت وٺندو آهين .
توکان ته
منهنجو محبوب ڀلو آهي
جنهن جي هڪڙي ئي مرڪ
هن جي ڇهري کي
سپر مون ڪري ڇڏيندي آهي.





## “چپن جي سرحد“

تنهنجي حُسن جون
جاگرافيائي سرحدون
ايڏيون ته وسيع آهن
جو آئون صرف
تنهنجي چپن جي
سرحدي حدن تائين
پهچڻ ۾
عمر ڳاري آهي.

## "ڪاڪ ٽيل"

آئون پل ڪي ئي
مڏ جا پيالا پيان
پر
تنهنجي
هڪڙي مرڪ
۽
تنهنجي چپن جو رس
مون ڪي
۽
منهنجي سموري
ڪوتائن ڪي
ڪاڪ ٽيل جهڙو
سرور ڏيندو آهي
ان ڪري آئون
ميئڪدي نہ
پر
تو وٽ ايندو آهيان.





## "دُعا جا لفظ"

تو جڏهن چمڪندڙ
چنڊ ڏٺو هوندو،
هٿڙا کڻي دعا گهري هوندي
هن جي لئہ
پر مون ائين ڪونہ ڪيو.
مون چنڊ
ڏٺو ضرور هو
پر دعا پنهنجي لئہ
ها پنهنجي لئہ نہ
منهنجي دعا جا
سڀ لفظ تنهنجي لئہ هئا
شل چمڪندو رهين.
شل چمڪندو رهين.

## سچي دل

ميسج ڪيو اٿس
تہ
توڪانسواءِ نہ تي رهي سگهان
پڇيومانس تہ
مون ۾ اهڙو ڇا آهي
رُوئي چيائين
سچي دل....

## محبت

خدا کان پوءِ
تنهنجي
محبت مون
لئہ
حاضر ناظر
آهي.





## موتيو پاٽي

توبن
گذري تہ پئي
پر ائين
جئين اکين ۾
موتيو پاٽي....

## توسان ڪهڙا ليکا

هٿڙن جي ريکا،
ڏسي مون کي هن چيو:
"توسان ڪهڙا ليکا!"

## “مون کي پائجانءِ”

هوءُ
مون سان ملڻ لاءِ
ڪڪرن جي سيني تي
سوار ٿي چڪي آهي.
آئون
پاڻ کي گڏ ڪرڻ
نہ ٿو چاهيان.
ڳوٺ کان شهر
شهر کان ڳوٺ
اها ئي تہ
زندگي آهي
مان توکي پورو اچي سگهان
تہ
سڀ کان پهرئين
مون کي پائجانءِ.





## “اڄ بہ هُوءَ آئي هوندي”

اڄ بہ هو دري تي آئي هوندي
اتاولي اتاولي
هوا جي تيز جهوٽي تي
ڇرڪي هوندي ....
تنبوري جي تار وانگر
ٿڙڪي هوندي ....
نہ ڏسي مون کي هو
راهہ تي ڀٽڪي هوندي ...
ٻئي هٿ ڳلن تي ڏئي
آرسي ۾ پاڻ ڏسي هٽڪي هوندي،
ٿڌڙي ٿڌڙي آهہ ڀري
هن آسمان ۾ نگاهہ
اُڇلِي هوندي ....
اڄ بہ هو دري تي
آئي هوندي .......
مون کي نہ ڏسي
گهائي هوندي......

## او ڪافي جهڙي گرم ڇوڪري

او ڪافي جهڙي گرم ڇوڪري
توکي ڊسمبر جي ٿڌين راتين ۾
خانہ بدوش جي آڳر تي
سپ سپ ڪري پيئڻ ٿو چاهيان.

او ڪافي جهڙي گرم ڇوڪري
توکي جينس ۾ جهمريون هڻندي
مدهوشي جي مست عالم ۾
اياز ميلي جي خوشي ۾
جئي سنڌ جئي وارا ٻڌڻ ٿو چاهيان

او ڪافي جهڙي گرم ڇوڪري
تنهنجي پوُري جسم تي ڪارو گج نهي تو
تنهجي پوري جسم تي چنڊ بہ عاشق آهي
تنهجو سنهڙو رئو ڳچي ۾ ائين ٿو نهي
جئين آسمان تي اندلٺي رنگ





او ڪافي جهڙي گرم ڇوڪري
اڄ حيدرآبادي هوائن ۾ ٿڌ
ڪجهہ سرس آهي
تنهنجون شرابي نظرون بہ
بي ترس آهن.

هر پري جو ماٿهو مون سميت
توکي ڏسڻ آيو آهي
تون گرم ڪافي وانگر سوائي
سرس آهين
توکي ڪو نيٽن سان پيو پئي،
ڪو چپن سان پيو پئي.

او ڪافي جهڙي گرم ڇوڪري
تون شاعرن جو غزل بہ
نظم بہ
تون شاعرن جي وائي بہ
تون شاعرن جي سڄي ساري بند
بوتل بہ
او ڪافي جهڙي گرم ڇوڪري
او ڪافي جهڙي گرم گرم ڇوڪري!!

## جي تون چاھين تہ

ٻڌ جانان!
منھنجي زندگي جا
ڪئي اڌورا ڪم
صرف تنھنجي ھام ڀرڻ سان
پورا ٿي سگھن ٿا
پر آھي ڏکي ڳالھ
تون مونکي پورو ڪري سگھين ٿي
جي تون چاھين تہ....





## تنھنجو غم

منھنجي دل ۾
ائين بيھي رھيو آھي
تنھنجو غم
جئين صبح
کان پوءِ
روزانو موٽندڙ
اولھ طرف
سج.
انڌيون اکيون
اڄ آئون بازار مان
ڪجھ شاپنگ ڪندي
انڌيون اکيون خريد ڪيون
ان لاءِ تہ
جئين عيد جي ڏينھن تي
پنھنجي جي
غربت ڏسي نہ سگھان....

## ”نيڻن جو ناول“

نفيس خيالن جي ڇوڪري
ڪنهن جي خيالن ۾ گم آهين تون!
تنهنجي خيال ۾
سدائين
مون جهڙا
ڇڙواڳ رول
تہ ڪونہ ها شايد
ڪو شاعر سنجيدهہ
ڪو دل رنجيدهہ
محبتن جو مئل
قتل اداس ماڻهو
تنهنجي خواب نگر جو
واسي هجي متان
پر شايد اسين بہ
ان جهڙي دل ۾ محبت
رکي توکي
لڪي لڪي
ڏسندا هجون





پر اظهارِ محبت
ڪان شايد
ڊڄندا- ڊڄندا هجون
ها هاڻ ڪٽي
هڪڙي مُرڪ  سان
مار ڪٽي
اسان ڪي بہ هن
سال جيان
ويندي ويندي
وري جيار ڪٽي
۽
نيڻن جو ناول
پڙهاءِ ڪٽي.

## ”اوڏکي مٽي“

اوڏکي مٽي
جهڙا آهيون
اسين يار
جيڪا سدائين
چنبڙيل رهندي آهي
جت بہ لڳي
اتي ٽپڪي سان
چنبڙيو وڃي
جيءَ سان جڙيو وڃي
قرب سان ڪڙيو وڃي
سالن تائين
اها اوڏکي مٽي
محبت جي علامت
هوندي آهي!





## ”چنري“

جيڪڏهن خيالن کي
ڪپڙا پارائجن
ها تہ
منهنجا خيال
تنهنجي
چنري جو عڪس
ٽي پون ها...

## “پاڇو“

مان تنهنجو
پاڇو آهيان
۽ مان
توسان
سدائين گڏ رهندس
پيلا
پاڇو ٻہ
ڪڏهن پري
ٿيو آهي ڇا!





## “تنهنجا پاڪر”

او چري
مون کي تنهنجا
پاڪر ياد پيا
اچن
جڏهن بہ موسم
مٽجڻ لڳندي هئي
تہ تنهنجا پاڪُر
مون کي پيار
جي
پناهہ ۾ وٺندا هئا.

## “عيد گاھ”

عيد نماز ڪٿي
پڙهان
منهنجي ڳوٺ ۾
ٽي
عيد گاهون آهن
ديوبندين جي
بريلوين جي
شيعن جي.
خودڪش حملو
انهن مان
ڪنهن به
هڪ ۾ ٿي سگهي ٿو.
ڪا مسلمان عيد گاهه
هجي ته ٻڌايو
مان اتي
نماز پڙهڻ وڃان.





## “عيدا!”

اي عيد!
توکي مان
ڪئين الوداع ڪيان!
تون منهنجي
پوري سال
جي
رهيل اڄ
پرين
جي ديدار تي
جو پوري ڪئي
ڇا
مان هاڻ
هر سال
تنهنجي هڪڙي
درشن لئه
وري
عيد جو انتظار ڪيان؟

## ”مهذب سماج“

هن جي
وارن ۾
چاندي چمڪي پئي
پر الائي جي چو؟
اڄ بہ هُو
ڪوٺن ۾
ڪنهن جي اچڻ جو
بي صبريءَ سان
انتظار ڪري پئي
هن جو شدت پريو
اوسيئڙو
هڪ نہ هڪ ڏينهن
هن
مهذب سماج جو
موت ثابت ٿيندو.





## ”محبوبہ جون چوڙيون“

مون ڪي
اڪيلو نہ دفنايو
مون سان گڏ
منهنجي محبوبہ جون
چوڙيون بہ گڏ هجن .....
جيئن آساني سان
فرشتن کي جواب
ڏئي سگهان.

## “سرپرائيز“

هُن کي اڪثر
سرپرائيز ڏيڻ جي وڏي عادت هوندي هوئي
اڄ بہ هُن اچي
منهنجي اکين تي سنهڙا هٿ رکيا
۽ چوڻ لڳي تہ ٻڌائي پلا ڪير!
آئون هميشہ جيان
ساڳيو جواب ڏيندو هيس
تہ منهنجي زندگي
کلندي چيائين
چريا هاڻ پنهنجي زندگيء جوخيال رکجانء..
سنهڙي کلهي ۾ لٽڪايل ڪاري پارس مان
Happy Marriage wedding Card
ڏيندي چيائين اڄ جو سرپرائيز.......





## “بزدل آهيان“

ها
مان ڪنڊ ۾
ويهي روئندو آهيان
ڇو جو
مان
بزدل آهيان!
پنهنجا درد
ٻين سان ناهيان
ونڊيندو.

## ”جان ليوا خاموشي“

۽ مونکي پسند آهي
ڪنهن پهاڙ جي وڏي چوٽي تي
ڪاٺي جو ٺهيل ننڍڙو گهر
چانهه جو مگ هجي هٿ ۾
دريءَ مان هلڪي بوندا باندي ڏسندي
پري بيٺل ڪو قديمي پوڙهو وڻ
پراڻيون حوليون
افق تي زردي نما سج جي روشني
ويران شام
ويران جبل
ويران سحرا
خزان جي موسم ۾
ڪنهن اڻڄاڻ
رستي تي وکريل
پيپل جا زرد پتا هوا ۾ اڏامندي
۽ جان ليوا خاموشي
مون کي پسند آهي.





## ”تنهنجي رسي وڃڻ سان“

ڪيئن ٻڌايان توکي
تنهنجي رُسي وڃڻ سان
مون تي
ٻن ٽڪن جا ماڻهو به
ڳالهيون ڪن ٿا.

## ”گناهہ“

ننڊين اکين ۾
وڏا خواب
ڏٺا آهن،
ڪو گناهہ
نہ ناهي ڪيو
مون.





## ” ريل جو سفر“

هُو بہ مونسان گڏ ريل ۾
سفر پئي ڪري.
هڪڙي نهار مونڏي ڏسي
منهن دري واري پاسي ڪيائين،
۽ پوءِ ڪجهہ دير بعد
ٻيهر گهوريندي پڇائين
تہ: ڇا تون سنڌي آهين؟
ڪنڌ سان لوڏيندي ها ڪيم.
هڪدم چيائين تہ:
تنهنجي نرم نظرن ۾
مون کي محبت ملي،
ڇا تون؟
مون کي پاڻ سان گڏ
سنڌ وٺي هلندين!
چيومانس: رستي وارن سان
محبت نہ
پر همدردي ڪبي آهي
۽ مان توسان سفر ۾
همدردي ڪيان ٿو
پر محبت منهنجي سنڌ ۾ آهي.

## “سنڌوءَ جي ڪپ تان”

سنڌوءَ جي ڪپ تان
مٺڪو پريندي
مشڪڻ مهاڻيءَ جو پير ڇا ترڪيو
ڄڻ سنڌوءَ ۾ ساهہ اچي ويو

ڇار جئين ئي خالي نڪتي
ملاح مري ويو
مڇي اداس ٿي وئي

مهاڻن جي ٻارن لاءِ
سنڌوءَ سڀ ڪجهہ آهي
پر سنڌوءَ جي موجن سان.

مڇي جو ڪنڊو
مهاڻي جي ٻار لاءِ
سئو جو جي نوٽ جهڙو آهي

سنڌوءَ جي سنيار
ملاحن تي فرض آهي
سنڌو انهن جو ابا امان آهي





## “چنڊ تارن سان”

اڇڙي
بدن تي
اِهي
واسينگن جهڙا
وار ڪارا
تنهنجي
چنبيلي جهڙي
ڇيلهہ تي
ائين ٿا پيا
چمڪن،
جئين
چوڏهين جو
چنڊ تارن سان.

## “نٿ ڪُلائي”

اڄ هُن کي
ائين سينگاريو ويو هو
جئين نئين
ڪنوار کي
سونن زيورن ۽ ريشمي لٽن سان
سينگاريو آهي،
پر هُن تہ اندران
ٺيڪ سان
سينگار ڪيو ئي نہ هو،
ڇو جو هو!
ڪنهن گهوٽ لئہ
ڪنوار نہ
بلڪ
هڪ سيٺ کي
چڱن ڏوڪڙن جي عيوض
ان جي
نٿ ڪولڻ جي
رسم ڪرڻي هئي.





## “پاڪر”

اڄ بہ مون کي
تنهجا اُهي
پاڪر ياد ٿا اچن،
جن ۾ تون
پاڪر پري
لوڪ کان لڪائي
چُمندي هئينءَ
۽
چوندي هئينءَ
تہ
توکي چُمڻ سان
منهنجي دردن کي
ساهي ملندي آهي.

## “اي خدا“

اي خدا!
اسين تہ
ڏمالون هٽندڙ آهيون
اندر جا صوفي صاف
قلندري آهيون،
پوءِ ڇو؟
اسان جي روحن کي
رت سان
رنگيو ويو؟
اي خدا!
اسين تہ
ڏمالون هٽندڙ آهيون.





## “محبتن جو عالمي ڏينهن“

محبتن جي
عالمي ڏينهن تي
مان توکان
پري ضرور آهيان،
ها جسماني طور تي،
پر روحاني طرح سان
مان توسان
اڄ بہ
اوتري ئي
محبت ڪندو آهيان،
جيتري
پهرئين نظر سان
تي هئي.

## ”جدائي“

هاڻ تہ
ساھ ڪٽڻ بہ ڏکيو
ٿي پيو آهي
تنهنجي جدائي جي
Suffocation
منهنجي اندر
کي
پل پل
ماري پئي.





## ”هڪ چمي“

مون کي ورهايل
محبت
نہ کپي سائڻ!
ڏئين تہ
سچائي سان
هڪ چُمي ڏي،
جيڪا
منهنجي حصي
جي هجي.

## "خيال"

تو وڇڙڻ مهل
چيو هو تہ:
پنهنجو
خيال رکجانءِ!
ها بس مان
اڄان تائين
ان خيال ۾
آهيان.





## "خوشبو"

اسان جي مذهب ۾
هڪ ئي جنم جي
اچڻ جو تصور آهي،
پر جي خدا ٻيو
جنم ڏنو تہ
مان خدا کان
وري بہ
تنهنجو ساٿ ئي گهرندس.
چو جو!
تو درد ۾
منهنجو ساٿ
ڇڏي ڏنو،
پر پوءِ بہ
تنهجي لبن
تي منهنجي
نالي جي خوشبو
مون وٽ پهچي پئي.

## "ڊسمبر"

ڊسمبر جي سرد هوائن
صُبح ساجهر ئي
يادن جي
ڳنڍ کولي ڇڏي،
پنبڙين ۾ آلاڻ
اچي وئي،
دل پرجي آئي.
خبر اٿئي چو!؟
جو تون
هيل ڊسمبر
۾ مون سان گڏ
ناهين.





## "عيد جو انتظار"

مون عيد لئہ
ٽي وڳا سبرايا هئا
ان خيال سان تہ
پهرئين وڳي ۾
پهرئين ڏينهن تي
توسان پاڪر پائيندس،
ٻئي ڏينهن تي
ٻئي وڳي ۾ توسان
تنهنجي ڪمري ۾
توکان چمي وٺندس،
ٽئين ڏينهن تي
ٽئين وڳي ۾
توسان پنهنجي
دل جو حال اوريندس،
پر افسوس
منهنجا ٽئي وڳا،
ٽئي خواهشون
اجا تائين
عيد جي انتظار ۾ آهن.
چو تہ منهنجي عيد
تنهنجي ديد سان ٿيندي آهي.

”

## ڏهرڪي”

منهنجي پر ۾
ڪئي حسينائون بيٺيون آهن
پر منهنجي دل
ڏهرڪي لاءِ پريشان آهي.

”

## نينگرين”

نينگرين جي سينن تي
شفا جا هٿ گهمائيندڙ
پنهنجي نينگريءَ کي
پردي ۾ ڊاڪٽر ڏي موڪليندو آهي





## “سنڌ جو درد”

تنهنجي زواري،
تنهنجا عمرا،
ماشاالله،
تون ڀلي حاجي ، غازي ٿي
پر سنڌ
جي دردن
سان تنهنجو
ڇا وڃي.....

## "عيد"

تو سوچيو هوندو
آئون عيد ڪئي هوندي،
پر اها
تنهنجي سوچ هوندي.
آئون
اجان تائين ڪنهن کي
عيد جون واڌايون ناهن ڏنيون،
ڇو تہ
تنهنجو ميسج ۽ ڪال
اجا تائين ناهي آئي
پوءِ
آئون عيد ڪئين ڪيان..





## "خاموشيءَ جا ساز"

هُو هاڻي کلندي بہ ناهي
ها پر هو
ڪمري جي ڪنڊ ۾
ڪاري لباس جي جُهنڊ ۾
ڳلن تان ڳڙندڙ ڳوڙهن سان
پنهنجي نصيب تي روئندي بہ آهي.
جيڪي ڳوڙها
خون جي خوشبوءِ سان ٽمن ٿا.
هُو
ڪنڊ بدلائندي بہ ناهي،
ان ڪري جو
ان ڪنڊ ۾ پيار جون نشانيون پيل اٿس.
پهرئين چُمي
پهريون ڀاڪر
ساهن جي ڇڪ
انتظار جي سولي.

## “يادون“

كالهہ رات
هُو مون وٽ آئي
ڏاڍو رُني
چيائين: جيسيتائين
تو وٽ پيرو نہ ٿي پيچان
تيسيتائين سڪون نہ ٿو اچي!
پڇيو مانس: مون وٽ
اهڙو ڇا آهي؟
روئندي چيائين:
منهنجي حسين
ماضيءَ جون يادون.





## “ڇهاءُ“

آئون هروڀرو ئي
پنهنجي قميص جا بٽڻ
چوري چوري
ٽوڙي ڇڏيندو آهيان،
ان ڪري جو
تون بٽڻ هٽندي مهل،
پنهنجي هٿن سان
منهنجي سيني کي بہ
سبي ويندي آهين.

## "هُوءَ"

هُو منهنجي ڪلاس فيلو هئي
جنهن کي ڏسي
مون کي محبت جو احساس ٿيڻ لڳندو هو،
ڪڏهن نہ چاهيندي بہ
آئون پنهنجي ڊائريءَ تي
ان جو نالو پنهنجي نالي سان
دل کي خوش ڪرڻ لئہ
ڳنڍي ڇڏيندو هيس.
هُو منهنجي ڪلاس فيلو هئي
هُنَ ۾ ۽ مون ۾ هڪ جهڙائي
اها هئي تہ
اسين ڊڄڻا هئاسون،
نہ هُو مون کي ڪجهہ چئي سگهي
۽ نہ آئون ان جي ويجهو هوندي بہ
ان سان اظهار ڪري سگهيس.
هُو منهنجي ڪلاس فيلو هئي





توڙي جو هُو منهنجي پهرئين وڪ هئي
محبت واري.
هاڻ اسين ٻئي پوڙها ٿي چڪا آهيون
هُو ڪڏهن ڪڏهن منهنجي نظمن ۾
پاڻ کي ڳولهڻ ايندي آهي
۽ پڙهي ڪلي هلي ويندي آهي.
شايد چوندي هجي
تہ:
پاڻ مان ڪو ڇريائپ ڪري ها
اظهار ڪرڻ لئہ...

## "چُمي"

توکي
چمين کان چڙ آهي
پر مون کي
تنهنجي چپن کي چمڻ
سان سڪون ملندو آهي.
چري چڙندي نہ ڪر
اهي عادتون
هميشہ مون جهڙن
آواره ۽ حساس شاعرن
وٽان ئي جام ملنديون آهن.
تنهنجي چپن جي چاس
زندگي کي منو ڪرڻ لئہ
ڪافي آهي.





## "ديدن جي عيد"

فون ڪيومانس
ڪال رسيو ڪندي پڇائين ڪير؟
چيومانس
نہ ٿي سڃاڻين يا سڃاڻن نہ ٿي چاهين
چيائين آواز کي چا ٿيو اٿئي
چيومانس درد دل تائين هيو
زبان تائين ايندي ايندي
ڪجهہ ٿڪجي پيو آهي
پر آئون تہ توکي
تنهنجي ساهن جي سُرن سان
سڃاڻي وٺندو آهيان
پوءِ اها سزا
مون لاءِ چو...

## "لاحاصل"

عشق ڪرڻ جي سزا
صرف مون کي ڇو ملي
تون ٻہ تہ ڪجھ ڪجھ
مون ڏانھن نظر وڌائي ھئي
او منڙي!
تون پنھنجي جوڀن جا جلوا ڏيکاري
اسان جي جواني جوا جي داءَ تي لڳائي ڇڏي
پاڻ تون راڻي ھئينءَ
پر مون کي تون
قبول  نہ ڪيو،
تون تہ شايد مون کي
ڪنھن ٻئي جي حوالي ڪرڻ ۾
خوش ٿيندين
پر مان
توکي ڪنھن ٻئي کي ڏسندي پڪ سان
پنھنجو نور وڃائي ويھندس.





## "رانگ نمبر"

مون ھاڻ
پنھنجي سيل فون ۾
پنھنجن جا نمبر سيوِ ڪرڻ ڇڏي ڏنا آھن
ڇاڪاڻ جو
انھن نمبرن مان ھاڻ
ڪالون اچڻ بند ٿي ويون آھن،
تنھن ڪري ھاڻ
مون کي رانگ نمبر
ڏاڍا وڻندا آھن
ڇو جو
انھن مان محبت جا ٽھڪ
۽
اپنائيت جو احساس ملندو آھي.

## "تنهنجا چپ"

هُو شايد مون کان
ڪجهه وڏي آهي عمر ۾
پر شايد
هُو شرارتي مرڪن ۾
مون کان ننڍي لڳندي آهي.
هن جا موهيڙا
ڪڏهن ڪڏهن دل تي وار
ڪري ويندا آهن،
سچو سال
پوءِ دل اندر
بار ڪري ويندا آهن،
ڪليل ڪارا ڊگها سنها ڪاريهر وار
ڪڏهن ڪڏهن بلا وجہ ڏنگ هٽيو وجن،
جنهن جو علاج صرف
تنهنجا مرڪندڙ چپ هوندا آهن.





## "لاحاصل محبت"

لاحاصل محبت
جو مزو ئي پنهنجو آ
پنهنجي پرينءَ جي خيالن ۾ رهڻ.
محبت ۾ هڪ ٿيڻ بہ نصيبن
وارن کي نصيب ٿيندو آهي،
پر جڏهن محبوب
ڪنهن ٻئي جي ٻانهن جو هار ٿئي تہ
پوءِ لاحاصل محبت ئي
امر رهندي آهي....

## "چنڊ"

الاءِ جي چو
چنڊ ڏسڻ مهل
مون کي
تنهنجو چهرو ياد اچي ويو،
ها هوبهو
هي چنڊ به توجيان
لڪي لڪي پئي
نظر آيو
اميد اٿم ته
جئين چنڊ ڏسي
مُون توسان ملڻ لئه
دعائون گهريون
تون به ائين
يلجي ڪري
پنهنجي دعائن
۾ مون کي ياد ڪندينءَ.





## "مزدور"

پگهر سُڪي ئي نہ تو
مرض مُڪي ئي نہ تو
اسان مزدورن جو.
نياڻي جوان ويٺي آ
درد لڪي ئي نہ تو
اسان مزدورن جو.
عيدون اچن وڃن ٿيون
قرض چُڪي ئي نہ تو
اسان مزدورن جو.
خوشي هجي يا غم
دوست لڪي ئي نہ تو
اسان مزدورن جو.
دونهون ٿي وئي زندگي
ساه مُرڪي ئي نہ تو
اسان مزدورن جو.

## "جدائي جي ٽريننگ"

سوچيو هيم
ته هاڻي توکي ڏٺي بنا
ساھ کي ڪونه سڪائبو،
ويٽنگ روم سپ ڪان
پهريان واري ڪرسي
ولاري ويٺس.
اکيون ائين پيون ٽڙپن
جئين پاڻي مان تازي مڇي ٽڙپي،
پر دل جون ڌڙڪنون مايوسي منجهان
صفا بيهجي چُڪيون هيون،
حالت هڪ هيروئنيءَ جهڙي ٿيڻ لڳي هئي.
پنهنجي ماس کي ڪائڻ لڳو هيس





گهران نڪرڻ مهل خدا کي منٿ ميڙ
دل ئي دل ۾ ڪري ڇڏي هئي
ته
جي تنهنجو ديدار ٿيو ته
منت طور سجدا ريز ٿيندس
پر ڇا ڪيان
منهنجو نصيب سدائين
ٽڙپڻ لئہ ٺهيو آهي.
دل ۾ ته تنهنجي تصوير سجي وئي آهي
پر اکيون هاڻ شايد
ڇهن مهينن تائين
ڳوڙها ڳاڙينديون.
ڇو جو تون ٻاهرئين ملڪ
ٽريننگ تي وڃي چڪي آهين.
تيستائين مان
جدائي جي ٽريننگ گذارڻ سڪان..

## "نظم"

چنڊ!
چوڏهين جو
پاڻ ٻنهين جي مٿان
پيو ڪلي،
تون ٻہ ڇت تي
ڏسندي اداس
ضرور ٿي هوندين،
مان پنهنجي اڱڻ ۾
چانڊوڪيءَ جي چمڪاٽن ۾
تولئہ نظم پيو لکان،
اداس تہ ضرور آهيان ،
پر نراس ناهيان.





## "قسم"

رات ويل ڪان وٺي
موسم پنهنجي
مستيءَ ۾ مست هئي،
رڪي رڪي
چونچلائيون پئي ڪيائين،
جوڙا هٿن ۾ هٿ ڏئي
پيار جا نوان گيت پيا ڳائين،
هر هر نئون وچن وٺي
صدين تائين ساٿ رهڻ جا
قسم پئي کنيا،
ان مهل مون کي
تنهنجو قسم ياد آيو.

## “حقيت“

ڪجھ ڏينهن کان
طبيعت خراب هئي
ڊاڪٽر کي حقيقت ڪيم
ڊاڪٽر الٽراساونڊ ڪيو

۽ مونڏانهن ڏسندي
چيائين ابوھ!
اوهانجي اندر ۾
گهڻو گند پرجي چڪو آهي
مون پڇيو
ڇا جو ڊاڪٽر صاحب
چيائين
نفرت، گلا ۽ انا جو.





## “جدائي جي نشاني“

جدائيءَ جي نشاني
ها مان چاهيان ٿو تہ
توسان پهرئين رات جهڙي
هڪ رات گڏ گذاريان
ان رات جا نشان
ايندڙ نسل تائين رهن
پل چادر جا گهنج ئي
رهن
پر پنهنجي پاڪرن ۾ چمين جا
آلا نشان پڪا ئي رهڻ گهرجن
ڇو جو جدائي ڪانپوءِ
جي ڪا نشاني تہ
مون وٽ هجڻ گهرجي نہ.

## "سنگدل"

منهنجي لفظن تي
روئندڙ ڇوڪري!
توکي ڇا ٿي ويو آهي؟
تون ته
سنگدل هوندي هئينءَ،
ڪڏهن به تو
مون سان ڪلي ڪو نه ڳالهايو هو.
اڄ تون ڇو پئي رُوئين
مون ته تو سان
ڪا گلا ناهي ڪئي،
ها بس سدائين پنهنجي نظمن ۾
تولئه دعا گهري آهي،
تنهنجي خوش رهڻ لئه
پوءِ روئين ڇو ٿي؟
روئندو ته مان آهيان
تنهنجي خوشيءَ خاطر..





## "مداخلت"

آئون اڄ به ويران آهيان
سڀ ڪجهه هوندي به
ڇا تو ڪڏهن،
پُڇجي به
مون کان منهنجي ويرانگي جو
سبب پڇيو آهي
تون ڄاڻڻ جي ڪوشش به ڇو ڪندين!
تون ته هاڻ
پنهنجون ٻانهون
ڪنهن ٻئي جي سيراندي
لئه سجائي رکيون آهن،
مون کي نه ٽوڙهي ته
ڪنهن جون خوشيون خراب ڪيان....

## "انتظار"

اکيون دروازي ۾ اٽڪيل آهن.
رات اکين کي
اُوجاڳو ڪونہ ڪرايو
ڇاڪاڻ جو
تنهنجي ديدار لئہ
اکين کي
اوجاڳو شايد ڪرڻو آهي
خبر ناهي تون
ڪهڙي مهل
ٿي اچين
توکي ڪهڙي خبر تہ
مان انتظار ۾ آهيان
پر مون کي تہ خبر آهي نہ
تہ تون اچڻي آهين
دير يا سوير.





## "محبوبہ"

سوچيان ٿو
ڪجھ ناراضگي جو
اظهار مان بہ ڪيان تو سان
تون منهنجي محبت پرئي
هڪڙي ميسج جوبہ
لاڄ چو نہ رکي سگهين..؟
ڇا مان توکي چاهيان نہ ٿو
پل تون مون کي پنهنجو عاشق نہ سمجھ
پر مان تہ توکي پنهنجي
پهرئين محبوبہ ئي
مڃيندو آهيان
اڄ بہ....

## "جيئدان"

توکان وڇڙڻ کان پوءِ
مان
ڪئي سال
خاموشيءَ جي دريءَ ۾ بيهي
پنهنجي اظهار کي
اندر جي ڪوٺيءَ ۾
انتظار ڪرائيندو رهيس
ڪجهه ڏينهن اڳ
اندر جي ڪوٺي
يادن جي اڏوهيءَ سان
کورجڻ لڳي
تہ
خاموشي روئي پئي
ان ڪري تو ڏانهن
جيئدان جو ايس ايم ايس موڪليم.





## "سالگره"

او پرين!
مون کي پنهنجي سالگره تي
هن سال
تنهنجا قيمتي تحفا نہ کپن
بس مونکي هن سال
خوشي مان پيار جون گرم ٻہ چميون
ٻانهن جو سونهري هار،
۽ ريشمي زلفن جي خوشبو کپي.
جيڪي منهنجي ڪمزوري آهن،
جئين مان
تنهنجون خوشي مان موڪليل
ٻہ گرم چميون سرد چپن تي لڳائي
تصور جو سونهري هار ڳلي ۾ پائي،
جسم  کي ريشمي زلفن جي
خوشبو لڳائي پراڻا سور وساري
پنهنجي سالگره جي خوشي
ماڻي سگهان
تو ۾ وڃائجڻ کان پوءِ وري پاڻ سڃاڻي سگهان.

## “خواب“

منهنجا خواب به
هاڻ انڌا ٿي پيا آهن
هاڻي اُهي ننڊ هوندي به
ڪو خواب ناهن ڏسندا
سوچيان ٿو
انهن خوابن جو
علاج ڪرايان
ڏس مليو آهي ته
جي محبوب اکين تي
هٿ ڦيرائي ته
خواب ڏسڻ ۾ ايندا......





## “شرڙا“

ڪهڙا ويهي
اوهان سان دوستو
درد ونڊيان!
”درد“
مون وٽ رهڻ ڏيو.
مان
محبتون اوهان سان
ونڊڻ ٿو چاهيان.

## "نثري نظم"

اڄ مون وٽ ڪئي احساس ڪئي
جنم وٺي وٺي مري مري رهيا آهن.
چاڪاڻ جوسورنهن سينگار ٽيل
سونهن جي اڳيان
پنهنجن جون تڪليفون
مون کي جيئاري جيئاري
ماري ٽيون ڇڏين.
هوا ۾ گل بہ لڏن پيا
چاڪاڻ جومارچ ۾ بهار جون هوائون
گڏو گڏ ڪراچي کي ٽٽو پيون ڪن
ايڏيءَ جون گاڏيون بہ
ڳاڙهين اکين واري سائرنن
سان ڊانييون ڪري
روئين پيون، پوءِ پلا
مان ڪئين مارچ ۾ آيل بهار تي لکان
يا محبوب  کي اکين جي اڳيان
هجڻ تي لکان.....





## "ڪراچي جي سمنڊ جهڙي ڇوڪري"

ڪڏهن تيز ويرن جيان
ڪڏهن گجگوڙن جيان
ڪڏهن هلڪي ڪنوڻ جيان
ڊڄاري ٿي ڇڏي
پنهنجي پيار ۾.
ڪڏهن تہ ويرن جي چڙهڻ ڪان اڳئي لهي ٿي پوي
سوچيان ٿو  پنهنجي سرير کي
هن سمنڊ جهڙي ڇوڪري
جي ڇولين ۾
سڄي زندگيءَ  واري ڇڏيان
جئين هو ڇولين سميت واريءَ کي
پنهنجي اندر ۾ ٿي رکي
منهنجي بہ خواهش آهي
تہ هن سمنڊ جهڙي ڇوڪري
۾  واري ٿي رهان .

## "نثري نظم"

ڪڏهن ڪڏهن مان
سوچيندو آهيان تہ :
ڇا!
موت کي موت نہ ٿو ماري سگهي ؟
جو اڌي رات جو
بيمار ماءُ کي
جوڌي پٽ جو
لاش
ايڌي ايمبولنس
جي ڪلهن تي کڻي
وڃڻو ٿو پوي.....
ڇا اهڙو خدا آهي ڪٿي؟
جيڪو موت کي
آرام جي گوري
ڏئي...





## "شهر جو شور"

مون کي موڪل ڏيو
وڃان ڳوٺ مان
هي اسپتالون، هي روڊ رستا،
هي سمنڊ ڇوليون،
هن شهر جون
راتيون ڏينهن جيان،
ڏينهن راتين جيان،
سڀ اوهان کي مبارڪ هجن!
نہ چنڊ ڏٺو،
نہ رات ڏٺي،
بس هر پل،
روئندي روئندي ،
مون هتڙي
هر
ماڻهو
جي ذات ڏٺي.

## ”ياد“

ها منهنجي
ڳوٺ ۾ به سج لٿو هوندو،
پکي به
گهرن ڏانهن ويا هوندا،
مزدور مِلن مان
مزدوري ڪري
پنهنجي ٻچن ڏي وريا هوندا،
پاڙي جي پڪوڙن
واري ملان وٽ رش ٿي هوندي،
گهر جي ماني به
پڪي هوندي،
دال چانور، چانهه به
گهرواري ٺاهي هوندي،
پر اهي سڀ مون
لئہ اجا تائين
سوچن ۾ گهمن پيا،
ها مان اجان پرديس ۾ آهيان،
ها مان اجان پرديس ۾ آهيان.





## ”اٽينڊنٽ“

ها اڄ تنهنجي وارڊ ۾
مان نہ هوندس،
تون ضرور ايندينءَ،
توکي لڪي لڪي
ڏسڻ وارو مان نہ هوندس!
هونءَ تہ تون ڏاڍي حسين آهين،
جيئن سهڻي سنڌ !
پر جڏهن تون
پنهنجا وار شام جي پهرئين
رائونڊ تي کولي ايندي آهين تہ
سچ پچين تہ:
بيڊ تي ستل مريض اٿي ويهندا آهن،
۽ مون جهڙا ڪئي اٽينڊنٽ پنهنجي دلين
کي بي قابو ٿيندي ڏسي،
تنهنجا بہ ٻول ٻڌڻ لئہ مريض جي
پر ۾ اچي ويهندا آهن،
ان خوشي ۾ تہ
من مريض جي بجاءِ
کو سوال انهن کان پڇين.....

## “سانئڻ”

مون کي ورهايل محبت
نہ کپي سانئڻ!
بس مون کي
ڏئين تہ
سچائي سان
هڪ چمي ڏي
جيڪا منهنجي حصي
جي هجي مون لئہ.





## “سلطنت”

تنهنجي مرڪ اڄ بہ ياد آهي!
جڏهن تون
سنهڙي چپن سان مُرڪندي هئين
تہ تنهنجي ڳلن ۾ پيل چُگهہ
هن حساس ۽ حسن پرست دل مٿان
ڪو فطري وار ٻڻجي
منهنجي ارڏي وجود کي
جهٽ ۾
مات ڏيئي
پنهنجي سلطنت جوڙي وٺندا هئا.
اڄ نہ تو وٽ
اها مُرڪ
نہ مون وٽ ......
۽ نہ ئي اها ساڳي
سلطنت آهي
شايد ان ياچ ۾
تون مان
لتاڙجي چڪا آهيون.

## "چنڊ"

اي چنڊ!
تو کان ته
منهنجو پرين پلو،
نه اوڻٽيهين جي پرواهه
نه ٽيهين جي پرواهه
سدائين چوڏهين وانگر
پيو چمڪي نروار ٿي.





## "گفٽ"

چا هيل به
يارهن مارچ تي
مون کي وساري ڇڏڻ
جو ئي
گفٽ موڪليندين......!

## ”روح جي رهائشگاهه“

منهنجي روح جي
رهائشگاهه ۾
تنهنجا ئي قيام
رهندا،
اي پنن تي
ماڪ جهڙا رهواسي!





## ”هڏڪي“

اڄ هڏڪي لڳي پئي
سوچيم
ڪير ياد ڪندو مون کي
سيني
پنهنجن جا نالا ڪنيم
پر ڪونه لٿي،
ڪنهن چيو:
اڄا ڪو پيارو اٿئي
دل ۾ تنهنجو نانءُ ڪنيم
ڦڪي ڪل نڪري،
۽ ڳوڙها ڳڙي پيا
هڏڪي بند ٿي وئي.

## "سچ پڇين تہ"

اڄ الائي جي ڇو
تون ياد پئي اچين...!!
زندگي ٻسي ٿي لڳي
جيڪر واهر ڪرين
تہ تنهنجا ٿورا ٿيندا
اڄ الائي جي ڇو
تون ياد پئي اچين...!!
پاڻي جي ڍڪ تي،
مانيءَ جي گرهہ تي،
ڪنهن جوڙي جي ٺهڪن تي،
اڄ الائي جي ڇو
تون ياد پئي اچين!
سچ پڇين تہ:
روئان وينو دوستن جي وچ ۾
پاڻ کي اڪيلو پانيان پيو
اڄ الائي جي ڇو
تون ياد پئي اچين...!!





## "نئون ديش"

انقلاب جون اکيون پُورجي چڪيون آهن
اهو ان ڪري جو انقلاب آڻيندڙ ڪامريڊ
يتي خوريءَ جهڙي بيماريءَ جي مرض ۾
ڏينهون ڏينهن پيا ڊہجن......

ڇا هاڻي اهڙن روين جي ڪري
ڪو ڄاڻندڙ انقلاب ايندو
انقلاب جي ڪتابن کي بہ
لائبريري ۾ اڏوهي کائي ڇڏيو آهي
ڪئين ٿا چئي سگهون
تہ
اسين آزادي ماڻي
نئون ديش جوڙينداسين.

## ڏکڻ جي هوا

تون جڏهن بہ
وار کوليندي آهين
تڏهن ڏکڻ جي هوا گهلندي آهي

## "اکين جون ايجنسيون"

تنهنجي اکين جون
ايجنسيون ڪيڏيون نہ
بي رحم آهن
او محبوب
ڪڏهن مون کي تنهنجي
سيني ۾ ساندين ٿيون
ء
ڪڏهن وري سڳيءَ
جي ورن جي وراڻي ۾.





## روٽ پائو ڪي پيتا

زخمن مان
بوءِ
جڏهن ايندي
تڏهن تنهنجي
خوشبو اسانجي
ارد گرد هوندي

## "وضاحتون"

چو ڏيان!!!
وضاحتون، دليلون ؟
تون!
منهنجي اکين ۾ڏس!
توکي
تون ئي ملندين...

## “نظمن جي خودڪشي“

منهنجي نظمن
تڏهن کان
خودڪشي ڪري ڇڏي
جڏهن کان تو
منهنجا خط
پڙهڻ ڇڏي ڏنا،
منهنجا نظم بي موت مري ويا آهن.
اڇي اُهي پنهنجي
مرڪ سان جيار .





## “فعلن فعولن“

قاتل گنجيءَ مان
پٽ داٽا
بابا جي پوڙهائپ تي
ڪلي رهيا هئا.
ان جي
مُنهن جي موهيڙن مان
شبنم  چنبيلي جي خوشبوءِ پيا ڪين.
استاد جي لَڪڻ ڪي
پار جي بد تميزي پوري ڇڏيو،
انگيج پيرڊ ۾ استاد
فيس بڪ تي
پنهنجي محبوبہ ڪي
وزن فعلن فعولن پيو سيڪاري.
آئون پنهنجي آفيس ۾
پنهنجي اڳوٽي گرل فرينڊ سان
دل ڪولي رومانس ڪندو آهيان
چاڪاڻ تہ هو هاڻ
طلاق يافتہ آهي......

توکي ڏسي جيءُ ٺري پيو
الڪي وارو سيءُ مري پيو
ڇا ڪاڻ ته مونکي
تنهنجي چنتا
منهنجيمن کي
ڳاري رهي هئي ته
تون ڪٿ مونکي وساري
نہ ويٺي هُجين،
ماڻهن جي واتان ٻڌان پيو
تہ تون بدلجي وئي آهين ،
پر سڀ ڪوڙ هيو
تو قران جي غلافن ۾
ويڙهي رکي آ
تصوير منهنجي
چوري ٿيڻ جي پوءُ کان.





رقیب

وہ
عجیب شخص تھا
ہر روز
تازہ گلاب دینے آتا تھا
مجھے ہر روز
نئے رقیب کے ساتھ۔

کچھ دنوں کی
بات ہے
ہم مٹی ہوجائینگے
اور تم
مٹی اڑاتی رہنا۔





بہت سکون ملتا ہے لگی ہوئی ضرب پر
جب کوئی تیرا نام منسوب کرتا ہے

اس نے
سب کچھ سیکھا
میرے ساتھ
میں نے
سب کو چھوڑا
اس کے بعد
وہ گھر کی ہوگئی
اور میں
بن گیا
ایک آوارہ سا
شاعر۔۔۔۔

کہیں تمہیں
برا نہ لگے
ایسا سوچتے سوچتے
ہر بار
میں اپنے دل کے
ساتھ
بُرا کر دیتا ہوں-----





وہ اکثر
کہا کرتی تھی
کہ ہم
بچھڑ جائیں گے
میں ہنس کہ کہتا تھا
نہیں مرجائیں گے
بات اس نے کی تھی
لاج رکھنی تھے
مجھے
میں بچھڑا ہوں
اس سے
مرا نہیں ہوں۔

کیا شکوہ کروں
تجھ سے
اے ھمدم!
دل کے حالات سے تو
نا واقف تو نہ تھا
دل کی تکلیف
اوروں نے محسوس کی
تو شاید اب
غیر بن گیا ہے
اس لیئے درد بھی
شاید
سوا سیر بن گیا ہے۔
کیا تجھے گلا دوں
بس ہوسکے تو
کبھی کبھی ملا کر
سانسیں چلانے کے لیے ---





## ريڪائون پبليڪيشن جا ڇپيل ڪتاب

1. دلين جا داخلي رستا(شاعري) رحمت پيرزادو............................................2016
2. اُداسي(شاعري) سنڌو پيرزادو....................................................................2017
3. ساحل مٿان هوائون(شاعري) رحمت پيرزادو...........................................2019
4. خمارُ تنهنجي اکين جو آهي(شاعري) رحمت پيرزادو............................2020
5. سنڌ جون ادبي سوسائٽيون(تحقيق) مختيار احمد ملاح.........................2020
6. روشنيءَ جا پيغمبر(شاعري) ستار پيرزادو...............................................2020
7. ڪاغذ جون ٻيڙيون(ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) وحيد محسن.............................2020
8. مُڪڙيون ماکَ ڦُڙا(شاعري) ميرمحمد پيرزادو.........................................2021
9. ڪوتائن جو ڪاڪ ٽيل(شاعري) جميل سومرو......................................2021
10. ٽرنڊڙ گُلَ(شاعري)فاطمہ حسن/سنڌيڪار: سنڌو پيرزادو...................... 2021
11. نوسيبو(سائنسي فلسفو) رسول ميمڻ..........................................................2020
12. اسين رولاڪ راتين جا(شاعري) وسيم گُل..............................................2021
13. سيد ظفر حسن(هڪ مثالي شخصيت) مختيار احمد ملاح........................2021
14. حسرتون قيد ۾ آهن(شاعري) اياز لطيف دايو...........................................2021
15. موري ڪان پئرس تائين(سفر نامو) اسد ڪريم سومرو.............................2021

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book



جي. ايم. لاڙڪ پنهنجن نثري نظمن جيان، مختصر وجود رکندڙ شاعر آهي ۽ سندس وجودَ / شخصيت جي سموري سادگي، پيارُ ۽ پنهنجائپ سندس نثري نظمن ۾ لهي آئي آهي. سندس نثري نظمَ سندس دل جون ڳالهيون آهن، جيڪي ڪڏهن هُو پنهنجي پريميڪا جي ڳڻن ۾ ڀٽڪن جي صورتَ ۾ ڪري ٿو تہ، ڪڏهن ٻري رهي ڪيس سارينديون هوريان ۽ ڏاڍيان!

جي. ايم. لاڙڪ جي شاعريءَ ۾ ٻہ شيون نمايان آهن، هڪ ”پيارُ“ ۽ ٻيو ”دردُ“ - آهي ٻئي سندس جيونَ جي پوتاميلَ ۾ مُهڙَ واري ٻني تي چِٽيون لکيل نظر اچن ٿيون، پر جي. ايم. لاڙڪ انهن کي پنهنجي ڪمزوري بڻائڻ بجاءِ پنهنجي طاقتَ بڻايو آهي. هُو هڪ بي حد حوصلي مند، سُهڻي سياءَ ۽ مانُ ڏيڻ ۽ وٺڻ وارو نوجوان آهي، منهنجون ساڻس روبرو ڪي ٻہ چار مختصر ملاقاتون ٿي آهن، پر هُو سدائين مونکي پنهنجو پنهنجو پاسندو آهي.

جي. ايم. لاڙڪ جي شاعري بنان ميڪ اَپ جي، سادو چهرو رکندڙ دل ۾ لهي ويندڙ شاعري آهي.

ايازگُل

25 جولائي 2021ع